




**عبدالشكور قاضي** 1944 ۾ دادو ضلعي جي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي ۾ جنم ورتائون. پاٽ ۾ عربي ۽ فارسي جي ابتدائي تعليم حاصل ڪري 1962 ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو مان مئٽرڪ پاس ڪيائون. 1964 ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي حيدرآباد مان انٽر ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائون. لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان 1969 ايم بي بي ايس پاس ڪيائون. 1966 ۾ ميڊيڪل جي شاگرد جي حيثيت ۾ " فزڪس ۽ ڪيمسٽري، ڇو ۽ ڪيئن" جي عنوان سان ڪتاب لکي ڇپرايائون.

1971جي جنگ ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيا ۽ ڪيپٽن جي عهدي تان رٽائر ٿيا.

1974 ۾ جناح هاسپيٽل ۾ پوسٽنگ ٿي. ٽڙن جي ڪينسر ۽ ٻارن جي ڪينسر جي اسپيشلائيزيشن دوران ڪيترن ئي ملڪن (اٽلي، جرمني، انگلنڊ، هالينڊ ۽ جپان) ۾ ٻارن جي بيمارين جا ڪورس ڪيائون.

2004 ۾ جناح اسپتال جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائون. کين ستارهِ امتياز جو صدارتي اعزاز پڻ حاصل ٿيو.



**اعجاز رحيم** 1946 ۾ ڪشمير جي واديءَ جي شهر ڊوڊا ۾ جنم ورتائون . سندن والدين 1948 ۾ پاڪستان آيا ۽ ايبٽ آباد ۾ مستقل قيام پذير ٿيا . والد محترم جج هئا . سينئر ڪئمبرج تائين ابتدائي تعليم برنس هال اسڪول مان حاصل ڪيائون . لاهور جي ايف سي ڪاليج مان انٽر پاس ڪيائون ۽ 1966 ۾ گورنمينٽ ڪاليج لاهور مان انگريزي ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائون. 1980 ۾ هالنڊ جي شهر هيگ مان ترقياتي اڀياس ۾ ماسٽرس جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائون . پاڻ گڏيل قومن جي " ڳوٺاڻي ترقياتي" واري اداري بئنڪاڪ مان ڊپلوما ڪورس پڻ ڪيائون. امريڪا جي پٽسبرگ يونيورسٽي مان انساني وسيلن جي واڌاري واري ڪورس ۾ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيائون. کين 1989 آئزنهاور فيلو جو اعزاز پڻ حاصل ٿيو. 1969 ۾ سي ايس ايس جي امتحان ۾ پهرئين امتيازي پوزيشن حاصل ڪري سول سروس جو آغاز ڪيائون. پاڻ سرحد ۽ وفاقي حڪومت جي مختلف عهدن تي فائز رهيا. في الوقت پاڻ ڪيبينيٽ سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائر ٿي ميمبر پلاننگ ڪميشن جا فرائض انجام ڏئي رهيا آهن . 2007 ۾ کين صدارتي ايوارڊ ستارهِ امتياز سان نوازيو ويو.

# در

# ڪلف ۽ ڪنجي

## DOOR LOCK & KEY

(سنڌي ۽ انگريزي ۾)

**اعجاز رحيم**

**ع ش ق**

## سنڌ جي مهڪ جو هِڪُ گُلدستو

**عبدالشڪور قاضيءَ** اعجاز رحيم جي انگريزي شاعريءَ مان چونڊ گيتن جي مجموعي **در ڪلف ۽ ڪنجي** ۾ پنهنجي قلم جي قوت سان آهڙن نازڪ خيالن کي قيد ڪيو آهي جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ نہ ڪنهن اسڪول جو علم ڪم ٿو اچي ۽ نہ ٻئي جو تجربو. من جي گهرائيُن ۾ ٽُٻي لڳائڻ بعد جي سِپ مان موتي حاصل ٿيا آهن اُنهن کي هت ورهائڻ جي هڪ ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي. اندازِبيان پاٻوه پريل سنڌ جي منڙي ٻوليءَ ۾ واه جو ڪيل آهي :

**آهي شاعري تيراندازيءَ جيان**<br>
**اي منهنجا دوست !**<br>
**جي تو بيت پائين**<br>
**سي آهن تير پريت جا**<br>
**پرندي لچندي ساڙن تا**<br>
**هٿ شاعر جا.**<br>
**مان پاڻ ئي آهيان تيرُ**<br>
**۽ پاڻ ڪمان !!!**

لفظن ۾ پاڪيزگي ۽ پُختگي پئي پسجي. اِئن ٿو پاسجي جڻ خامُشي ڳالهائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. داد جا ٻہ لفظ هِن مٿي ماٿ ۾ سمايل آهن.

**” آهہ خاموشي زبان جا سانت ۾ ڳالهائي ٿي**<br>
**ماٿ جي مُڪڙين سان منهنجي مُرڪ کي مهڪائي ٿي. “**

ساڳي طرح مون ورد ۾ ٻہ ماٿائيءَ نهايت ئي نزاڪت سان پيشگي ڪئي وئي آهي. هي ڪنهن قلمڪار جو قلم نہ پر ڪنهن ويد جي رچيتا جو پيغام آهي.

**ديوي ناگراڻي**

نيو جرسي،

12 جولاءِ 2007

ears we hear not truly applies to the human level of hearing, seeing. It is being stated that vision is not enough, it must be combined with venture. It is not enough to stare up the steps, we must step up the stairs. It is in the mind's eye where the possibility of seeing any vision in truth and all that is related to truth. It is the mind that created duality of being a Buddha or the beast. Truly:

> Once more I stand witness to the follies
> And the sufferings
> Of my kind
> As the dust
> Of a million kalingas
> Obscures
> The human mind. P 17

Speaking about the language of silence the author states softly
Silence
You are the silence. P 113

Silence is a language in itself. It speaks, at times; it screams and shouts louder than thunder. Its beautifully transformed from the infinite language of silence to that of finite words showing a co-relative bond. It is the timeless frame of his will that speaks silence and listens silence in all totality. It is all in concentric circles of that true power that still remains undefined respite all the words silent or spoken.
Here comes a soft velvety whisper:

You can hear the footsteps of God when **silence** reigns in the mind.

Wrapping up from the zone of enlightment towards the sunset of life, the author glides gracefully from life to death

# Key to the locked doors

The inauguration of the thought process could not be better described other than the teaching and preaching of The Wise Buddha. It is the language of the heart that has been put in finite words to express the infinite experiences, human sentiments and true feelings of joy, sorrow, grief, misery, ignorance, greed, loneliness, love and hatred, but the compassion always supersedes the circumference of spoken language.

Law without compassion
Is like vision
Devoid of sight. P23
**
Like a grand river of light
Flowing from
A needles orfice.P19

The tenderness of the thoughts, as Ejaz Rahim the author reflects beautifully in his poetic format, flows from the flight of dawn and dusk through a narrow passage of understanding where duality cannot be sustained.

**
Of your being
And you affirm
The reality of seeing. P21

It is at this point where someone who has attained freedom through wisdom to survive with and without ignorance and greed, and the truth symbolizes itself in authors own words, When a light takes possession. Having eyes we see not, having

# A FEW WORDS FROM ME

I knew that Professor Shakoor was much more than a medical doctor. His love of learning, passion for Bhitai, command over Persian and Japanese, and innate compassion for the poor, have always shone through his character. Yet his decision to spend time and energy in translating my English language poems into Sindhi caused me no small surprise.

It is for the connoisseur to decide how he has fared in this endeavour. But I feel honoured that he chose to translate my poems in one of the most beautiful languages of the world – a language known for its richness, resonance and ability to capture the beauty of the divine in the sounds, sights and smells of ordinary existence.

Both Professor Dr Shakoor and I share the belief that human speech is as much a living miracle as the earth, sun, stars, the growing of a tree from its seed, the love of man and woman, the mysteries of childhood, a mother's prayer and, in the words of the Holy Quran, 'the alternation of night and day'.

Both of us believe that while in politics words may be ephemeral, in poetry every word counts. One word too many may tip the scale or upset the balance. Each word is a Sassi in search of its Pannu. Each one, like Marvi, has clambered up the rooftop of its prison and is gazing afar, longing for freedom and dignity. We look before and after, and pine for what is not. Beyond contemporary realities, such is the truth of the human condition we all seek to discover.

Ejaz Rahim

reproducing his thoughts as to how the awareness of the truth helps to sustain the unstable state of pain and pleasure which is like an illusionary concept that relates itself to light and darkness, depicting the reality that one cannot exist without the other. Lets have a glimpse of what the basic truth underlies the whole bunch of words.

Now the child sleeps painlessly
In the earth's lap
Waiting for an eternity
To reawaken
And smile again. P 49

The grief and the pain are personified well by the author when it comes to visualize the lifeless phase of this illusionary life. In my view life is nothing but a journey from the very dawn (birth) to the beautiful dusk (death). It is the vision that needs focus to see the reality under that illusion. There is an Ancient Proverb that quotes "We have not inherited the earth from our ancestors, we have only borrowed it from our children." Here I shall make an effortless attempt to end with a beautiful quote from Oscar Wilde:

Death must be so beautiful.To lie in the soft brown earth, with the grasses waving above one's head, and listen to **silence.**To have no yesterday, and no to-morrow.To forget time, to forgive life, to be at peace.

**Devi Nangrani,**
**New Jersy**
2nd July 2007

# پنهنجي پاران

انگريزي شاعريءَ جو پنهنجو مزو آهي . سمجهو ڪي سمجهن. ميٽرڪ ۾ انگريزي شاعريءَ جي مجموعي "ڊريگن بڪ آف ورس " Dragon Book of Verse ۾ جن شاعرن جي خيالن ۽ فلسفي بي انتها محزوز ڪيو تن ۾ جان ملٽن جو" بهشت وڃايم " ۽" بهشت مليم" Paradise Lost and Paradise Gained وليم ورڊس ورٿ جي "هيڪلي لُڻڻهار" Solitary Reaper ۽" شيڪسپيئر جي انساني جيوت جا ست ڏاڪا" Jacques' Seven ages of Man. وغيره شامل هئا. انهن شاعرن کي وري وري پڙهڻ جي باوجود ايئن لڳندو هئو ته جڻ اجا به ڪجهه سمجهڻ ٻجهڻ لاءِ رهجي ويو آهي ! جيڪا اوڻائي دل کي اداس ڪندي هئي سا اها ته انهن شاعرن مان ڪنهن سان به آمهون سامهون ملاقات ممڪن نه هئي. هڪ ته شاعري پنهنجي زبان ۾ نه ، ٻيو وري شاعر سان به ڏيٺ ويٺ خير ڪي! دل ۾ آس اُپرندي هئي ته ڪاش اهڙي انمول شاعريءَ کي شاعر جي واتان ٻڌجي ها!!

گربخشاڻيءَ جي سمجهاڻين سان گڏ سهيڙيل شاهه جي رسالي پڙهڻ سان آوَس ايئن لڳندو آهي جڻ ڀٽائي پاڻ سامهون اکر به اکر پنهنجا بيت سمجهائي رهيو آهي.اها آهي امڙ جي زبان ۾ مَنَ پسند ۽ ڪامِل شاعر کي ٻڌڻ ۽ ٻجهڻ جي ڪرامت!

اعجاز رحيم صاحب سان شروعاتي ملاقاتن ۾ هڪ يادگار ملاقات اها هئي جڏهن پڇيائون ته ڊاڪٽر صاحب ،ڀٽائي جو اهو ڪهڙو شعر آهي جهن جو انگريزي مفهوم ڪجهه هن ريت آهي :

Echo and Call is same ; only human hearing identifies two!

پڙاڏو سوئي سڏ ، وَرُ وائي جو جي لهين ،
هئا اڳهين گڏ ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا. (شاهه)

هن شعر جو محترم ايلسا قاضيءَ جو ڪيل انگريزي ترجمو ڪين بيحد وڻيو هو ؛

The Echo and the Call is same
If you Sound's Secret knew
They both were "One" but "two" became,
Only when "Hearing" came .

اعجاز رحيم جي انگريزي شعرن جو به دل وڪوڙيندڙ مزو تڏهن آيو جڏهن سندس واتان ئي شعر ٻڌي ۽ پوءِ سندس ڪتاب پڙهيم . سندس شاعريءَ جي ڏهن ڪتابن مان چونڊ گيتن جو ترجمو مون 2002 ۾ شروع ڪيو . سندس انگريزي شاعريءَ کي سمجهڻ ۽ منڙي سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمي جي ڪوشش اسان کي ويجهو آڻيندي وئي. سندس انگريزي شاعري ٻڌڻ ، سمجهڻ ۽ وري ترت ئي ان کي سنڌي ۾ سهيڙڻ منهنجي روزمره جي ڪرت بڻجي چڪي هئي . ايئن لڳندو هئو ته ميٽرڪ جي زماني (1962) ۾ پڙهيل انگريزي شاعرن جي شعرن کي ترجمو ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي خواهش پوري ٿي رهي آ.

اهو آهي سُرور شاعر کي آمهون سامهون ٻڌي ٻجهي ۽ پوءِ سندس خيالن کي پنهن جي مادري زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جو! پرڪيترا مترجم ايترا خوش نصيب هوندا جن کي پنهنجو وڻندڙ شاعر اعجاز رحيم جي شخصيت ۾ ملي ۽ سگهه ساري سندس شعرن جو ترجمو نه فقط ٻولي پر شاعر جي شخصيت ۽ قابليت کي سامهون رکي ڪندا؟

مان هن ڪتاب جي تڪميل لاءِ پنهنجي دوستن ۽ مهربانن جو ته دل سان ٿورائتو آهيان جن ۾ مانواري اديب ۽ شاعر تاج بلوچ ،پروفيسر سليم ميمڻ ، چيئرمن سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي ؛ پرفيسر صالح ميمڻ ، اڳوڻو چانسلر اسرا يونيورسٽي ۽ محترم ستار پيرزادو قابل ذڪر آهن. محترم ڊاڪٽر آنند ڪمار پنجواڻيءَ جو خاص طور ٿورائتو آهيان جن جي بي لوث محنت کان سواءِ هي ڪاوش ممڪن نه هئي.

ع ش ق ڪراچي. 26.10.2007

# I, BUDDHA

I, Buddha
Hold deeds
Superior to words
In the language
Of compassion

For if I were to meet
A child with a dart
Stuck in his heart
Surely I will rush
To relieve his pain
Before questioning him
On how the injury came

Or, again, should you find
Your house up in flames
Will you stand upon ceremony
Of speech or hasten-
Hasten to douse the same?

# مان گوتم ٻڌ

مان گوتم ٻڌ !
آهيان سراپا جاڳرتا
چوان ٿو يقين سان ته :
”عمل آهي بر تر
لفظن جي لوڏ کان ،
اهائي آهي ٻولي
دلجوئيءَ جي بهتر ،“

چو ته جي ٻار ڪو زخمي ڏسان مان
پهرين انهيءَ کان
جو ڪارڻ سُور جو پڇان !
ڏيان هوند تنهن کي مان
آرامُ سُور کان

ڀلا جيڪڏهن
ڪوئي گهر پنهن جو سڙندو ڏسي
آهي لازمُ وِسائڻ باهه اول
يا ڳولڻ سبب ان باهه جو ؟

People everywhere
Are like little children
Trapped in a house of wood
Self-bolted from within.
Inside, they sing and dance
Blissfully ignorant
Of the fire-dragon’s
Slow advance.

For them, it’s a place of fun
With swaying elephants,
Gambolling deer, galloping horses
And riotous parakeets
How they cheer the sight
Of black mice and white
Devoured by angry cats.

Children, I beg you
To unlatch the door
For all around this house
Is nothing but
Fire, fire, fire.
Loved ones, save yourselves
At once!

سڀيئي ماڻهو هن جڳ ۾
جڻ آهن بند ڪاٺ جي گهر ۾
ڳُڏن ۽ ڪيڏن پيا ٻارڙن جيان
پر آهن اڻ ڄاڻ
وڌندڙ باھ جي راڪاس کان

هو پانئن ٿا تہ هيءَ دنيا آهي تماشو
جنهن ۾ هاٿي، ٽپا ڏيندڙ هرڻ ۽ گهوڙا،
آهن ڪئين قسم طوطن جا
سي ڏسي خوش ٿين ٿا
موت اڇن ۽ ڪارن ڪئن جو
ڪاوڙيل ٻلين جي هٿان!

”ٻچڙوء، مهرباني ڪريو
ڪڙا لاهي در کوليو
چوطرف آهي باھ پڙڪيل
پاڻ ۽ پنهن جي پيارن کي
بچايو جهٽ ڪريو“

No father, we are safe within
No danger looms
Inside our rooms
Each child hugs his magic toy
Sailing in a boat of joy
Once again

I, Buddha
Behold the spectacle of fire
As I awaken
To the thunder
Of conflagrations
Everywhere.
Once more
I stand witness to the follies
And sufferings
Of my kind
As the dust
Of a million Kalingas
Obscures
The human mind.

اسين آهيون محفوظ بابا
ناهي هت ڪوبہ خطرو
سڙيو ناهي ڪوبہ ڪمرو
ڪٺي هرڪو پنهن جو
طِلسمي رانديڪڙو
خوشيءَ مان ٻهڪي پيو
وري هڪ دفعو

مان گوتم ٻڌ ، آهيان باخبر
ڏٺو آهي مون آسمان جو ڏمرُ
آهيان مان شاهد اوهان جي خطا جو
مون کي آهي درد انسان جي سزا جو
بچايو پاڻ کي آهي وقت هي عمل جو
ڪيو ياد وقت وري ڪالنگاس جي جنگ جو
ٿيا جنهن ۾ لکين انسانَ ڍير مٽيءَ جو
منجهائي ڇڏيو هو جنهن معراج مَنَ جو

Ages ago, I spoke
Of fire burning
At the heart of things.
Today, that fire
Engulfs the sky
And girts the seven seas.

To be saved
The first step I felt
Was to eschew
All falsehoods
Holding one in thrall
To an un-enlightened self.

Enlightenment is the day
When truth turns luminescent
Before one’s eyes
And contrarieties
Resolve
Like a grand river of light
Flowing from
A needle’s orifice.

صديون اڳُ هئو مون ڏِنو
چتاءُ باھہ جي اُلن جو
ساڙي ڪندي خاڪ جيڪا
احساس پوتر دلين جو
اڄ انهيءَ آگ آهي سَڀَ کي وڪوڙيو
زمين آسمان ۽ ستن سمندن جو
ڪيو آهي باھہ گهيرو!

بچائڻ گهرو جي جان پنهن جي
ڇڏيو ڪوڙ ۽ پچر فاني دنيا جي
پريو آتما جي اندرِ روشن خيالي

جاڳرتا آهي روز روشن جيان
جڏهن سچ ٿئي ٿو از خود عيان
تنهن جي ۽ منهن جي اکين جي اڳيان
۽ سڀ مونجهارا ٿين ٿا بيان
ڏسندئو نديون روشنيءَ جون رَوان
وَهنديون جي سئيءَ جي سوراخ مان

Enlightenment was the hour
I had yearned for
From the beginning of time.
How beautiful it is
When you start believing
In yourself
When a light takes possession
Of your being
And you affirm
The reality of seeing.

Man’s moral freedom
Is to be found
In an enlightened mind
Which has the strength
To grasp Sunyatta
The non-substantiality
Of material things.

I, Buddha
Enlightened One
Stand for liberation
And growth of mind.
Henceforth my creed
Is freedom from hatred
Ignorance and greed.

پاڻ پتوڙيو مون اَبَد کان وٽي
اچي من جاڳرتا جي گهڙي
ڪيترو نہ سُندر آهي جنهن سَمي
مڪمل وشواس ڪرين تون پاڻ ۾!
جڏهن تنهن جو آتما سراپا روشن ٿي وڃي
۽ حقيقت کي پليءَ پٽ پروڙي سگهين

اي انسان!
ڳول ضمير جي آزادي
جنهن ۾ آهي شڪتي
بي معني ۽ خالي
مادي دنيا کي سُوجهڻ جي

مان گوتم ٻڌ!
آهيان سراپا جاڳرتا
من جي آزادي ۽ اُوسر آهي پرمُ منهن جو
نفرت، جهالت ۽ لالچ کان ڇوٽڪارو
آهي ڌرم منهن جو

I am the new Prometheus
Who transforms
Fire into light.
I am the new man
Who remoulds the world
Through awakening
Giving another dimension
To all that is without.
And what is within

In the mind’s eye
Law and Compassion
Are both synonymous.
My dear friends,
Law without compassion
Is like vision
Devoid of sight
A statue in marble
Without good morning
Or good night.

مان آهيان نئون روپ ، پروميٿئس جو
بدلي ڇڏيندس مان روشنيءَ ۾
تيز ڀڙڪو باهه جو
آهيان مان اُهو انسان
ڏيندس مان نت نئون رخ
اندر ۽ ٻاهر کي سجاڳيءَ جو

مَنَ جي نظر ۾
قانون ۽ دِلجوئي آهن ٻئي اکر هِڪڙو
اي دل گھريا دوستو!
قانون دلجوئيءَ بنا
آهي ڄڻ هڪ اک نظر بنا
يا وري، آهي هڪ بت گھڙيل
سنگ مر مر جي پٿر منجهان
بيٺو هجي جو هڪ هنڌ،
کِلڻ ۽ کيڪارڻ بنا

From the powerful who are
Doubly deluded in this world
To the powerless
Doubly cheated here
All stand in need
Of enlightenment.

To be enlightened means
That you can read the lips
Of metaphor and song
Transcending
Barren shibboleths
Of life and death
Or right and wrong.
Above everything

Let the mind be a yeast
To transform
The ambience of life.
It is the mind
That makes one Buddha
Or a beast.

طاقتور، هجن جي
طاقت جي نشي ۾ چور
يا ناتوان هجن جي، هيسيل ۽ مجبور
جاڳرتا آهي سڀ ڪنهن لاءِ ضرورُ

جاڳرتا آهي اهو گيت يا استعارو
جو زندگيءَ ۽ موت جو
نيڪيءَ ۽ بديءَ سندو
مدي خارج خيال ڇڏي
اوچي ڪا راهہ ڏسي
هر رنگ ۽ ڍنگ ڪائنات جو
پروڙي سگهي جو

اوچو جي اُسرڻ چاهين
تہ وڏُ مَنَ جو خمير ڪٽي
جئن هن فاني دنيا کي
چوطرف بدلي سگهين
اهائي اصل ڳالهہ آ
جنهن سان ڪو ٻڌ
تہ ڪو وَحشي ٿئي!

But between fire
And light
There is no midway house
I, Buddha
Can offer.
Each one must start
Upon his pilgrimage
Here and now.
If not, we shall never
Summon the courage
For change
Or fulfill the hope
To build a better world.

Power is mindless desire
Unless exercised
By those schooled
In the wisdom of love.

I ask myself
Again and again
Can it be that even
I, Buddha
Who lit
Lamp after lamp
Of love and life
Failed to save
Their light
From dying out?

باهہ ۽ روشنيءَ جي وچ ۾
ناهي ڪو چارو
سمجهو چڱي طرح ٻُڌَ جو هي اشارو
هر ماڻهو هن جڳ ۾ ٻُولي پنهن جو سهارو
جهلي وَنجهہُ سچائيءَ جو ٻُوليو چوٽڪارو
ٿي جي هن ڏَس ۾ تِر برابر بہ ڪوتاهي
همت ۽ اميدن تي ڦِري ويندو پاڻي

زور ۽ زبردستي آهي خواهش اَجائي
جاهہ جلال ۽ طاقت ٿي سونهي انهن کي
جن تعليم پيار ۽ ڏاهپ جي پرائي

مان گوتم ٻڌ ، نبي خدا جو
هر هر پڇان ٿو پاڻ کان
سوال هڪڙو
ڏِئو پيار ۽ جيون جو
آهي جيڪو مون ٻاريو
ڇا بچائي سگهندس مان تنهن کي
جي وسامڻ لڳو؟

# LOVE

They are God's gifts
To the world
Who teach love
The way it is
Simple, pure and beautiful.

They do not talk tall
Nor see it
As a thing to wage
With mindless passion
Like war.

Love is best felt
In the eyes of compassion
And on the brows
Of the meek.
It is shamed
On the tongues
Of the glib.

One can be sure
That God is holding back
When the world we know of
Teems with people
Who preach love
Like hate.

# پيارا ماڻهو

ڪائنات ۾ اُهي ماڻهو آهن سوکڙي خدا جي
پرچارڪن ٿا جي پاڪ پوتر ۽ دل لڀائيندڙ پيار جي

آهن اُهي انسان مَهانُ
هڻن ٿا نہ جي ٻٽاڪون
۽ نہ ڪن ٿا ڪڏهن
پلجي بہ جنگ جو ڳالهيون

پيار آهي هميشہ عيان درد پرين اکين ۾
پيار آهي پڌرو نماڻن جي نرڙ تي
پيار جي آ توهين چاپلوسن جي چپن تي

آهي اها پڪ مون کي
خبر آهي سڀ خدا کي
ڪري ٿو خدا برداشت تن کي
ڪن ٿا جي پرچار پيار جي جڳ ۾
پر رکن ٿا باهہ بغض جي اندر ۾

# MYSELF?

Holding it in obverse
You ask me
To observe myself
In the mirror.
Myself?

There is no trace of me,
I say, but you insist
It is myself I observe
In your mirror

What happened to my eyes?
I ask, but you insist
It is myself I observe
In the mirror.

# مان !

اُبتو آھينو جھليندي،
تو چيو مون کي :
ڏس پاڻ کي آھيني ۾
امالڪ مون چرڪ ڀري پڇيو
مان ؟

مان تہ آھيان ئي ڪونہ !
مون چيو :
پر تو زور ڀريو ڏسان مان
گُھوري پاڻ کي تنھن جي آھيني ۾

مون ورندي چيو :
اُف ! ھي ڇا ٿيو منھن جي نظر کي ؟
تو ٻيھر ورجايو، ”غور سان ڏس
اِھو تون ئي آھين منھن جي آھيني ۾“

# GOD AND CHILDREN

I feel Almighty God
Who gifts children
To our world
Has Himself a child's heart.
Like them
He is full of joy
And like them
His hands are full.
He asks us
The not-so-good
To learn from them
How joyfulness is good.
Joyless, a toy
Which is a thing of joy
Turns trite
And is cast aside
Like a dry bone.
Adulthood remains giftless
Without a child's heart
Beating like God's.

# خدا ۽ ٻارڙا

ٻارڙا هن دنيا ۾ آهن سوکڙي خدا جي
مون کي آهي ويساهہ تہ :
ٻارڙن جهڙي آهي دلڙي خدا جي
خدا خوش رهي ٿو، ٻارڙن جيان
۽ کيڏندو رهي ٿو رانديون
پنهن جي پوتر هٿن سان
خدا خود چئي ٿو
ناخوش رهڻ وارن کي :
هر وقت ۽ هر حال ۾ رهڻ ُخوش و خورم کپي
سِکو خوش رهڻ هردم ڏسي ٻارڙن کي
ٻارڙا جِنِ سان خوش ٿي کيڏن ٿا
رهن ٿا سي پاڻ ناخوش رانديڪا
ٿين ٿا جڏهن جي پراڻا
سُڪل هڏيءَ جيان رديءَ حوالي ٿين ٿا
ٻاراڻي عمر جڏهن اڳتي وڌي ٿي
خوشين ڀريل سندن جهولي خالي ٿئي ٿي
اِلاهي انداز سان ڌڪ ڪندڙ
پوتر دل بہ مَٿجي وڃي ٿي

# TAXILAS OF TIME

You lived for centuries
Under earth’s roof
And having consummated
Your round of silence
Are up again
Erect and eloquent
Even though in stone.

We who are ruin-deaf
Delude ourselves to think
We are listening
Across Taxilas of time.

# وقت جا ٽڪسيلا

تون آهين بيٺل صدين کان
پونءِ امڙ جي ڇت هيٺان
چُپِ جو چلو پورو ڪري هيڪر
دٻدٻي سان ٿيو آهين نروار ٻيهر
بيٺو آهين اڪيلو پٿرن ۾ ظاهر

اسين جو آهيون گھَلِ ٻوڙا
سمجهون ٿا پاڙ ڪي ثابت سجوڙا
جڙ سمجهون ٻجهون پيا وقت جا ٽيڪسيلا

# RAIMENTS

Prompted by an inner voice
Trees grow leaves
Upon their boughs
Then open their eyes
To the world.
We who cover
Ourselves with fig-leaves
Place fetters on our feet
And shut the eyes.

Every closet I know
Has a pair of raiments
Meant only for disguise.
One is donned to hide
From others, the other
From oneself.

# ڪپڙن جو وڳو

سُٽي پنهن جي اندر جي آرزو
وڻ جهلن ٽا ساوا پن هرطرف هر سُو
۽ پوءِ جڳ کي ڏسڻ لاءِ
کولن ٿا پنهن جون اکيون
اسين انسان ڍڪيون ٿا پنهن جي اوگهڙ
۽ پيرن ۾ پايون ٿا سُهٽي چاڪٽڙ
پر رهن ٿيون اسان جون اکيون ٻوٽيل

هر شخص جي ڪبٽ ۾ آهي
ڪپڙن جو جوڙو،
ڍڪڻ آهي مقصد جنهن جو
هڪ ڍڪي ٿو ٻين کان
۽ ٻيو پنهن جو پاڻ کان!

# NOT NEWS

Buying and selling
Are the life of markets
But few can understand
That at the heart of business
It is not things
Which are transacted
But people are bought and sold.

People means hearts
Minds and souls
Shaped as the bodies we touch
When we need to touch someone
Or kick when we want to kick
At something.
People are sentient beings
Not fallen scantlings.

Every hour
The bulletins announce
Whether stocks are selling
Bulls or bears
But the sale-purchase
Of human cattle
Is not the news.

# ناهي ڪا خاص خبر

بازار ۾ ٿئي ٿي خريد وفروخت
شين جي هر ڏينهن هر وقت
پر ڪير ڄاڻي دِلِ جو ڏنڌو
جتي ماڻهو آهي وِڪبو ۽ وڪبو

اُتي آهي ٿيندو
دلين ، مَنَ ۽ ضمير جو سودو
فقط ظاهر آ جِن جو
ڏسي ۽ پَسي سگهبو
وَٺبو جِئن تِئن جي وٽي ويو
يا وري ڏڪاري ڇڏبو

هر ڪلاڪ ۾ ڇپجي ٿي
اسٽاڪ جي خبر
ٿيو آهي سودو هلڪو
يا آهي تيز تر
ماڻهن جي خريد وفروخت مگر
ناهي ڪا خاصُ خبر !

# PENANCE

Penance is togetherness
On the moving boat.

Who knows
What lies in store
When the waters
Turn to foam
And the boat rocks?

The heart alone
Is bulwark
Against shipwreck.

Capsized, each one
Sinks alone
Like a stone.

# پڇتاءُ

ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ ٻِني سواري
آهي ٻن ساٿين لاءِ پڇتاءَ واري

ڳجهه جون ڳالهيون ڪير ڄاڻي :
جي اوچتو ڪائي اُڇلون پاڻي
۽ ٽڪرجي تيز لهرن سان ٻيڙي ؟

دل ئي آهي جو پٿر ٻڻجي ،
ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي بچائي سگهي ٿي !

پر جي اَپاڳي ٻيڙي
ٻڏڻ لڳي ٿي
تہ پٿرن وانگر
هڪ هڪ ٿي
ٻڏندا ساٿي ٻئي !

# THE DREAMING CLAYJAR

A lifetime spent
In distancing myself
From you
Until distance itself
Began to dictate
Proximity

How fragile
Everything is
About one’s ears

Our eyes
Break
In our own hands

Who can tell
If the whole
Of one
Is for ever alive?

Sometimes mere fragments
Of the dreaming clayjar
Begin to spark.

# خواب ڏسندڙ مٽيءَ جو پٽلو

توکان ڏور مون گهاري سڄي حياتي
جيسين انهن ڏُورين سان ئي
ويجهڙائي  نصيب ٿي !

ٻڌل ڳالهہ ڪنن جي
آهي ڪيڏي نہ ڪمزور ٿيندي !

اکيون بہ ٽڪجيو پون اکٿر
ڪنهن جي واٽ ڏسندي

ڪير ڄاڻي ڪيستائين
جئندو هي جسم خاڪي؟

ڪڏهن ڪڏهن
ٽمڪڻ لڳن ٿا
پرزا  بہ
خواب ڏسندڙ مٽيءَ جي پٽلي جا

# WE

We
Whose bodies met

Let our bones too
Mingle
In the shingle of the grave

We
Whom love united
 Let death reunite.

# تون ۽ مان

بدن مليل آهي تنهن جو منهن جو
اڄ جي نظاري ۾

ايئن ئي شال
هڏيون بہ هِڪُ مِڪُ ٿين
قبر جي گاري ۾

پيار ڳنڍيو آهي توکي ۽ مون کي
اِيئن ئي شال
موت بہ مِلائي ٻئي واري ۾

# NECKLACE

Your furtive glances
Are a necklace
Of rubies and gemstones

But your furious gaze
Shackles me hand and foot
With iron chains

If you unbind me
I will return your necklace
Of rubies and gemstones.

# مان توکي دُ هري موٽائي ڏيندس

تنهن جو لِڪي لِڪي ڏسڻُ
آهي مون لاءِ ڄڻ
هيرن جواهرن سان پريل
هڪ ڍُريءَ مثل

پر تنهن جو گُهوري ڏسڻُ
آهي مون لاءِ ڄڻ
هٿ ڪڙول مثل

آهي منهنجو توسان وعدو اَٿلُ
جي تون کولي ڇڏين هٿ ڪڙولَ
تہ مان موٽائيندس ڍُري تنهنجي
هيرن سان پريل

# THE SMILE DIED

When a child dies
The sun dies
Here was a child
Without kidneys
Who would not stop
Smiling at his mother
To hide his pain
From her
The smile died
When the child died
Now the child sleeps
Painlessly
In the earth’s lap
Waiting for an eternity
To reawaken
And smile again.

# مُرڪ وهامي وئي

ڪنهن معصوم ٻار جو مرڻ، آهي ڇڻ
سج جو اجهامي وڃڻُ
هڪ ابهم، پنهن جي امڙ کان سکيو هو مُرڪڻ
ڇمندي ئي هئو ٻِنا ٻُڪين،
لڳو امڙ جي هنج ۾ کيڏڻ ڪُڏڻ
۽ مِنڙي امڙ کان اَهنج پنهن جو لِڪائڻ
پر اڄ ٿر هئو موت وِڳهي
سندس مرڪ جو وِهامي وڃڻُ
۽ ٻنا اَهنج جي پوڻ۽ امڙ جي هنج ۾
سمهي پوڻُ
آهي اُميد، ازل کان اڳ
سندس ٻيهر مُرڪي اُٿڻ

# SADNESS, BE WITH ME

Sadness, be with me
Lest I die euphoric
Lemming-like
Darkness, stay with me
Lest the light blazes
And blinds
Blindness, be my friend
Lest the eyes are lost
Irrevocably
Suffering, bear with me
Lest the gallows
Be forsaken
Yearning, breathe in me
Lest the finite scotch
The infinite.

# سُورَ ڏيج ساٿ

سُورَ ڏيج ساٿُ ،
متان ،
مان مري وڃان ، خيالي خوشين سان
اونداهي اچا نہ وچ ،
متان ،
تيز روشنيءَ ۾
ڪجھ بہ ڏسي نہ سگهان !
انڌپڻ ياري نڀائجان ،
متان ،
اکيون وڃائي نہ وهان
ڏک ڏيج ڏڍُ ،
متان ،
ڦاهيءَ جي تختي کان ڏور ڀڄان !
تات طلب زندهہ رهج منهن جي ساهہ ۾ ،
متان ،
فاني اورانگهي پنهن جا پِيرَ لافانيءَ مٿان

# BETWEEN US

Between us
Silence is prayer
Beyond the ritual of words

Between us
Silence is a sacred bond

Between us
Silence connects.

# تنهن جي منهن جي وچ ۾

مٿي آهي ماٺ ، لفظن جي رَسم کان
تنهن جي منهن جي وچ ۾

ماٺ جو رشتو آهي ، پاڪ ۽ پوتر
تنهن جي منهن جي وچ ۾

سانت جي سڳند سان ، پنهن جا پختا پيچ ،
آهن ابد کان تنهن جي منهن جي وچ ۾

# THERE COMES A TIME

Suddenly to arrive at the point
Of the roadblock
Suddenly to face
Reality at the navel

Only bare hands can reach
Into the heart
Of things

There is a time to throw away
Amulets and wristbands
And plunge
Into the unchartered
Unknown

There comes a time
To abnegate
To give up
Everything.

# اهو وقت به نيٺ ته اچڻو آ

ذَڳ جو ڏَنگُ نيٺ ته اچڻو آ
ٿينديون حقيقتون پڌريون
اهو وقت به نيٺ ته اچڻو آ

جڏهن خالي هٿ پروڙيندا
راز دلين جا
اهو وقت به نيٺ ته اچڻو آ

تعويذ تڙا ۽ هار سينگار ڇڏي
اڻ ڏٺي ڏي هلڻو آ
اهو وقت به نيٺ ته اچڻو آ

هٿيار پنهوار ڇڏي،
ميجبي هار
اهو وقت به نيٺ ته اچڻو آ

# FREE THE WORDS

Speak to free the words
Languishing
In imprisonment

Put your lips
To the lyre of the wind
And speak

Speak
Before the silence imprisons.

# چئي ڏي

چپن کي چوري، ٻہ ٻول ٻولي
چئي ڏي اڪر اُهي
ماٺِ جي قيد ۾ بند آهن جي

چپن جو چنگ هوا ۾ چوري
ٻہ ٻول ٻولي
چئي ڏي اڪر اُهي

اُن کان اڳ جو ماٺ قابو ڪري
چئي ڏي اڪر اُهي
ماٺِ جي قيد ۾ بند آهن جي

# DAYLIGHT

Daylight is neither foam-white
Nor lagoon-blue
Daylight has its own hue
And meaning

Daylight is the colour of your eyes
That understood all
But never failed to smile.

# سوجھرو

سوجھرو نہ آهي ڪپهہ جيان اَڇو
نہ آسمان جيان نِيرو
سوجهري جو آهي خاص رنگ ۽ مطلب

سوجھرو آهي رنگ ، تنهن جي اکين جو
جي سمجھندي سڀ ڪجھ
مُرڪڻ ڪين وسارن ٿيون.

# A PRAYER

Lord, this is my prayer
At sadness time
Fill me with yourself
Like a balloon filled
With air from a child's lungs
Breathe into me
The strength of iron bridges
Holding through the storms
Let the floodwaters
Open the dykes
Within me

Lord, let the cloudburst
Pour
Upon my dying roots
In this granite hour
That crushes me
Teach me to endure
Like vegetation
And grow to fullness
Like a fruit tree.

# دعا

مولا ، آهي هيءَ منهنجي دُعا
پري چڏ مون کي تون پاڻ سان
جڏهن ناخوش هجان
هو ڀوا ايئن جيئن ، ڦوڪڻو ڦوڪجي وڃي
هڪ معصوم ٻار جي ڦوڪن سان
مولا ، سَموئي ڇڏ مون ۾ ساهه سان
فولادي پُلين جي طاقت
مقابلو ڪيان مان جئن ، زماني جي طوفانن سان
مولا ، ايڏي اونهائي عطا ڪر تون مون کي
گهارن وانگر جئن
ٻوڏن جو پاڻي پنهن جي اندر سمائي سگهان

سايون ٿين شل ، تنهن جي مهر جي ڪڪرن سان
منهن جي مَنَ جون مرجهايل پاڙون
مولا ، هن ڏکئي وقت ۾
ڏي سگهه مون کي ،
پل پل وڌان ويجهان ،
ڦلدار وڻ جئن ڦٽي ،
گلَ ڪريان ۽ ڦلُ ڏيان .

# I NEED A LIFETIME

You hit my eyes
Of passion
With silent thunder
Splitting me asunder
Like a pine tree
Lightning-struck

Your body
Like a high voltage
Electric pole
Fell upon my eyes
Electrocuting them
I need
A lifetime
To reconstruct myself.

# مون کي ٻي حياتي گهرجي

منهن جي اجايل اکين سان
مليون تنهن جون اکيون
آسمان ۾ جئن وڄون کڙيون
ڇا چوان منهن جو تن من پيو ٻہ اڌ ٿي ،
قداور وڻ تي جئن بجلي ڪري

تيز تر بجليءَ جيان ، نازل ٿئين
منهن جي اکين ۾
اِيئن لڳو ڄڻ بجليءَ جو ٿنبو ڪريو ،
منهن جي مٿان
۽ ٿيون قتلام منهن جون اکيون
تنهن جي هٿان
ٻيهر ٺاهڻ لاءِ پاڻ کي ،
ٻي حياتي ٿي مون کي کپي !

# GOD WRITES

God writes
With caring hands
And loving fingers
His most intimate messages
Are
Like personal telegraphs
God writes
Not on the sky’s parchment
The bark of the trees
In books or city walls
But in the heart’s
Pulsations
To read God’s mind
Turn inwards
Suddenly a beauty blazes
Upon your being
Like an inspiration
From on high
A breeze of joy begins
To blow
Across the prairie
Of your soul
Then self-ignited particles
Turn into stars
And every passing moment
Attains eternity.

# خدا لکندو آهي

خدا لکندو آهي مهربان هٿن سان
۽ پيار ۾ ٻوڙيل آڱرين سان
خدا جون آهن ڏاڍيون
قربائتيون لکڻيون
جڻ دل سان دل جون آهن
ڳنڍيل تارون
نہ لکندو آهي خدا آسمانن تي
۽ نہ وڻن ، ڪتابن يا شهر جي ديوارن تي
خدا لکندو آهي فقط ڌڙڪندڙ دلين جي
شريانن تي .
پڙهڻ چاهين جي لکڻي خدا جي
اندر ۾ پنهن جي پاءِ جهاتي
من ۾ توکي نظر ايندي روشني
۽ عيان ٿيندي خوبصورتي خدا جي
روح ۾ بہ خوشيءَ جي ٿڌڙي هير گُهلندي
تهان پوءِ ، تنهن جي بدن جا سپيئي ذرا
نظر ايندا جئن چمڪندڙ ستارا
۽ هن جَهان فانيءَ ۾ تنهن جي هر گهڙي
گذرندي رهندي جئن حيات ابدي .

# CACTUS IN MY THROAT

When water vanishes
From the river-bed
Of the eyes
And the boulder
In the heart’s well
Is struck

Only a cloudburst
Can relieve
Life’s rigor-mortis

I was writhing
To speak from the heart
But the cactus
In my throat
Grew long
Stinging me comatose

Only a thin line
Divides
Commitment from indifference
Once trespassed
Words cease
To flow.

# ٿوهر منهن جي نڙيءَ ۾

جڏهن اکين جو پاڻي سُڪي وڃي
۽ دل جي ڪنوتيءَ ۾ پٿر ڦاسي پوي

تڏهن ڪو رحمت ڀرئي مينهن جو وسڪارو
ڀيهر جياري سگهي ٿو

مان دل جي ڳالهه چوڻ لاءِ
ڦٿڪان پيو
پر منهن جي نڙيءَ ۾ ٿوهر
وڌي وڻ ٿيو ۽ مد هوشيءَ ۾
اَٽڪان پيو

پيار ۽ بي رُخيءَ جي وچ ۾
سنهڙي وٿي آ
اَورانگهڻ سان جنهن کي
ويندي نڙي سُڪي آ

# PRAYER TIME?

When the truth
One counts upon
Turns turtle
In the middle of nowhere

And the half-way messiah
Chooses to abscond

When the stones of Holy Kaaba
Exude a strange, sardonic
Laughter

Is it really
Prayer time?

# عبادت جو وقت ؟

جڏهن هلندي هلندي
وچ راهہ ۾
سچ چوڻ اوکو ۽ اٽانگهو ٿي پوي،

جڏهن هلندي هلندي
وچ راهہ ۾
مسيحا بہ اکين کان اوجهل ٿي وڃي

۽ جڏهن پاڪ ڪعبي جي پٿرن مان
پر اسرار ٺٺولين ۽ ٽهڪن جا آواز اَچن

لڳي نہ ٿو تہ ، سائين
عبادت جو وقت اچي ويو آ ؟

# TRUTH

Truth's like a moving train
Carrying people
To places
Huffing and puffing
Its wheels forever poised
For onward motion
Not forcing passengers
To single stations
As in aeroplanes

But letting them be
Themselves
Without forced inspections
And body searches
The train encourages
People to define
Their own destinations
Although its own journey
Remains unending.

# سچ آهي ريل مثل

سچ آهي هڪ هلندڙ ريل مثل
جا رسائي هر مسافر کي
پنهن جي منزل
ڇُڪ ڇُڪ ڪندي ٻاڦ ڇڏيندي
سچ جي ريل هر دم اڳتي
وڌندي رهي ٿي
لاهي نہ ٿي سچ جي ريل
پنهن جا مسافر
هڪ ئي اسٽيشن تي
هوائي جهاز مثل

هر مسافر آهي پاڻ ڀَرو
نہ اٿس ڪو خوف ۽ خطرو
نہ ڪا جاچ پڙتال نہ ڏَٻُ ٿي ٿيءَ جو
سچ جي ريل ۾ هر مسافر جي
آهي منزل مقرر
سچ جي ريل جو مگر
آهي اڻ کُٽ سفر !

# TRUTH, THE WAYSIDE TRAMP

Truth, the wayside tramp
Is nobody’s tenant
Homeless it wanders
Through nondescript streets
Or reclines against
Stones of tenements.

Truth, the wayside tramp
Always on the move
Never willing to tarry
Any place too long

Truth, the wayside tramp
Bereft of domicile, visa
Or passport
Trespassing over frontiers
Unobserved
Or caught by immigration
And swiftly deported.

# سچ آهي دڳ جو راهي

سچ آهي دڳ جو راهي
وتي ٿو بي گهر گهمندو رهندو
ناهي ڪنهن جو مسواڙي،
اڻ ڏٺل گهٽين ۾، ڦرندو وتي ٿو
يا وري پٿن ۽ جبلن ۾
پٽي ٿو ساهي!

سچ آهي دڳ جو راهي
هميشہ هلندو رهي ٿو، ماڳ ماڳ تي
بنا اوسيئڙي جي

سچ آهي دڳ جو راهي
نہ ٿس پرواھ
ڊوميسائل، ويزا يا پاسپورٽ جي
ڪهڙيءَ ويل حدون ٽپي ٿو
ڄاڻي نہ ڪوئي
اِميگريشن نہ پڪڙي سگهي جنهن کي
نہ ڏني آ ڪنهن شهر نيڪالي

# SEASONS

Winter's wind
Knocking at spring's door
Insistently.

Summer's cheek
Brushing against autumn's jowl
Insatiably.

Seasons
Merging into seasons
Inevitably.

# مندون

**سياري** جي ٿڌڙي هوائن
ويندي ويندي
کولي دَرُ ملايو هَٿُ **بهار** سان

**اونهاري** جي تيز لُڪن بہ
ويندي ويندي
مِلايا پنهن جا ڳَلَ **سَرءُ** جي سِيني سان

مندون ملن ٿيون پاڻ ۾
از خود
بي اختيار ءِ بي حَدِ پيار سان

# YOUR SILENCE

Exercising freedom of choice
You stood still
As though transfixed
Dusk fell
Upon your countenance
Like a guillotine

You had the right
To remain silent
Your silence spoke
Louder than words.

# تنهن جي ماٺ

مَنَ جي آزاديءَ ڪارڻ
تنهن جو چپ چاپ بيٺو رهڻ
ڄڻ هئين رَسِين سان ٻڌلُ
۽ پوءِ ڪارونجهر جو
تنهن جي منهن تي پوڻُ
۽ سِرُ قلم ٿيڻ !

حق هئو توکي حاصل
چپ چاپ بيٺو رهڻ
تو آهي جڳ کي سُٽائي چڙهيو :
”ڪجهه چوڻ کان ، اوچو آهي
آواز ماٺ جو“

# LIFE

Life as laceration
At the razor’s edge

Life with a Damoclean
Sword in the eye

Life is cuirass of thorns
Crowning the hearts pains

Life as the swansong
Of the nightingale

Life as a tumbril ride
Upto the catasta’s edge

Life as the fell kiss
Of the machete.

# جيونُ

جيونُ آهي ڇڻ
تيز ڇريءَ جي زخم مثل
جيونُ آهي ڇڻ
اک ۾ ڊيموڪلس جي تلوارمثل
جيونُ آهي ڇڻ
دل جي ڏکن تي چڙهيل
ڪنڊن جي پهراڻَ مثل
جيونُ آهي ڇڻ
بلبل جي آخري آلاپ مثل
جيونُ آهي ڇڻ
ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن
نيندڙ ڇڪڙي مثل
جيونُ آهي ڇڻ
تيز خنجر جي
آخري چُميءَ مثل

# UNITY, DISCIPLINE AND FAITH

Returning from the journey
In which instinctual fears
Of personal loss
Stood somewhat allayed
Seated in the rear
Of an automobile
Driven toward the capital
At the speed of reprieve
The eye caught
A catchword crypted
Upon the forehead
Of a hill:
Unity, Discipline and Faith!

Thereupon a crowd of fears
Mounted an ambush
Starting a stampede
Of thoughts
As of beasts startled
At the sudden honking of a horn.

# ايڪو ضبط ۽ ايمان !

ڏکي سفر کان واپس ايندي
پاڻ کي آجو ۽ ڏپ کان وانجهو
محسوس ڪيمِ
تيز رفتاريءَ سان
گاڏيءَ جي شهر ڏانهن رمندي
اوچتي نظر پئي سامهون
ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي
ٽي انمولَ اکر، اُڪريل هئا جتي
**ايڪو، ضبطُ ۽ ايمان !**

اُمالڪ ڏپ وچان
مسلسل خيالن دل کي وڪوڙيو
۽ ٽنهي اکرن هَر هَر من کي جهنجهوڙيو!
رِڻ ۾ جئن تيز توتاري وڄڻ سان
رڍن ٻڪرين جو ڌڻُ ڊوڙيو!

Three thoughts stood out
To confront the mind:

The Unity we seek
May be another name
For stationary sands

Even wild cacti may teach us
Something of Discipline

Faith too recedes
Like the voice
Of silence.

ٽنهن سَمي مَنَ ۾ ٽن اکرن
جو خيال هيئن سهيڙيو :

**ايڪو** جنهن لاءِ قائد پاڻ پتوڙيو
ٿي پيو آهي ڄڻ واريءَ جو ڍيرو

جهنگ ٻر ۾ بيٺل
هر هڪُ ٿوهر جو ٻُوڙو به ڏئي ٿو
درس **ضبط** جو .

**ايمان** به آ هوائن ۾ وڪري ويو
جئن حق جو آواز
آهي ماٺ ۾ بدلجي ويو .

# ILLUSION AND REALITY

Love is a feeling
Of believing
From the start

The longing
For belonging
Sprouts, like art

The sun stands in my eyes
Shadows plough
Through the heart

Sometimes the whole of one
Is alive
Sometimes only a part

Illusion and reality
Come tied together
Like animal and cart.

# وشواس ۽ حقيقت

اَمَرُ آهي احساس پيار جو
مُنڍ کان ئي آهي مڪمل پروسو

فَنَ جي سُرورَ مان ئي
نِسرندو آهي پيار جو ناتو

سِج منهن جي اکين ۾ آ
پاڇا دل جي زمين کيڙن ٿا

ڪڏهن ڪڏهن جيون سڄو ئي جيئرو آ
ڪڏهن فقط ڪو پرزو ئي بچندو آ

آهن وشواس ۽ حقيقت
ايئن ڳنڍيل هڪ ٻئي سان
جئن گهوڙو هجي وهٽيل بگيءَ سان

# LOVE’S GREAT GAME

The earth writhes
With the lifting
Of your eyebrow.

Your eyelash is
A moist whip
Turning each gesture
Seismic.

In love’s great game
Dignity and indignity
Are all the same.

# پيار جي انوکي راند

تنهن جي ڀِرن جي تاءَ سان
ڀونءِ ساري
نچڻ لڳي ٿي

تنهن جي پنبڻين جِي
هر ادا سان
ڌرتي ڌُڏڻ لڳي ٿي

پيار اُها انوکي راند آ
جنهن ۾
عزت ۽ رسوائي ساڳي ڳالهہ آ

# PRAYER

Lord, who answers prayers
Before even the lips
Have lisped
What the heart has
Barely murmured

Set me free
From the burden
Of words
Let the vapours
Rising from marshlands
Of doubt
Befogging everything
Turn prismatic

Lord who needs no bridge
Between word and meaning
Set me free
From the fen
Of whispers.

# دل جي دُعا

ڏڻي تون سڻين ٿو
دل جي دعا ،
انهيءَ کان اڳ جو
مان چپن ساڻ چوان

ڏي مون کي ڇوٽڪارو
لفظن جي لوڏ کان
هر طرف هر شيءَ تي
آهي ڇڙهيل جيڪو
شَڪَ جو غلاف
ڏڻي ڪر تون تنهن کي
پاڻيءَ جيان شفاف

ڏڻي ناهي توکي ضرورت
اکرن ۽ مطلب جي وچ ۾
پلين ٻُنيڙ جي
عطا ڪر مون کي سگهه
سرٻاٽن مان نڪرڻ جي

Let the panic frozen
In the eyes
Snowmelt

Let the tundra of regrets
Turn temperate
With hope

Let the glacier of hate
Thaw
Inside the soul

Let the mountain of despair
Be stirred
Through love’s magic tremors.

تنهن جي حڪم سان
رِجي پاڻي ٿين
اکين ۾ جي آهن
ڳوڙها ڏُنڌَ جا

اڄ جيڪا آهي پڇتاءَ جي پالوٽ
پري ڇڏ تنهن ۾
اميدن جي موٽَ

جَميل آهي جا ٽڪري
ڏِڪار جي
پِگهري ٿئي سا شال
محبت ضمير جي

جبل جي آهن اُچا
نا اميديءَ جا
مچائي ڇڏ تن ۾ اهڙي هلچل
جو پيار جي  جادوءَ سان
هر هنڌ ٿي وڃي جل ٿلُ

# SUSPENDED ANIMATION

Downhill is automatic
Like the downside
Of hatred’s free fall
It is opposing gravity
That taxes your feet
And free will.
Is it any good
Trying to go up
Or down
When least sufferance
Comes from staying put-
You may call it
Suspended animation, to wit.
Unless of course
They treat you like carcass
In a cannibal’s game
In which case
It’s free-for-all
And all the same
Whether you’re right or wrong
Or mad or sane.

# لٽڪيل جيون

جيون لاءِ، لهوارو لهڻ جيان
نظرن ۾ ڪرڻ ۽ ڏڪارجي وڃڻ
آهي ڏاڍو سولو
اوچو اڀرڻ ۽ ابتو هلڻ
تنهن جي قدمن ۽ جذبن کي
ٿڪايو وجهي
بار بار ڪِرڻ ۽ چڙهڻ مان
ملي ٿو ڇا ڪو فائدو؟
ڇو تہ آهي بي حد سولو
هڪ هنڌ ويهڻ
انهيءَ جو نالو، اٿئي ”لٽڪيل جيون!“
بيشڪ جيستائين،
ڪنهن وحشيءَ جي وات ۾
ڪنهن لاش جيان چاڙهي،
هو توسان ورتاءُ ڪن
هتي هر ڪنهن سان آهي جهيڙو
چاهي تون صحيح هجين يا غلط
ڏاهو هجين يا چريو!

Though gory images
Distress
They also cull
Some sense of pain
At the heartlessness
In the heart
Of things.

For in my eyes
True martyrdom
Is not the fact
Of having died
But having tried
In vain.
There centre-stage
Still hangs
One whose name
Is Mansur
Who every time
They bring him down
He calmly re-ascends.

جيتوڻيڪ رت جا ڇُٽا
دل کي ڏکوئين ٿا
مگر جَڳَ واسيِنِ سان
ٿيندڙ بي رحمي
مڃاڻ چو
بي دردَ جي دل جو
ڪري ٿي بار هلڪو

منهن جي نظر ۾
موت نہ آهي نالو مرڻ جو
پر ڪوشش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ جو
هُتي مرڪزي رنگ ڀومي تي
اڄ بہ ٽنگيل آهي
اهو جنهن جو نالو منصور آهي.
جنهن کي هر ڀيري لاهين ٿا
پر خاموشيءَ سان
هو وري ڦاهي چڙهي
اوچو ٿي وڃي ٿو

# PRAYER

Lord, play with my dust
Like a child who
Dabbles in mud
Lovingly to craft adobe
Forms which are not
Always what they say

Lord of dust,
Send another dust storm
When I am through
With the one engulfing me
Here and now

# خالق منهن جي خاڪ جا

مولا
ڪيڏُ منهن جي خاڪ سان
ايئن جئن ڪيڏن ٻارڙا
بيحد پيار سان
ٺاهي مٽيءَ مان رانديڪا
جيڪي لڳن ڪجهہ ٺا
پر آهن ٻيا

اي خالق منهن جي خاڪ جا
جڏهن هِن وَڪوڙيندڙ واچوڙي مان
مان پار پوان
تہ وري هڪ واچوڙو، مون ڏانهن اُماڻي ڇڏجان

Lord, let my shale
Carry to another place
Some other destination
Beyond the half-crossed hem
Of a waterless desert
Or the ken of words
Flowing numerously
Like a river of sand

Lord of miracles,
Let not the signs
You cast in my name
Go to waste
For want of that rainmaker,
Love.

مولا
موڪل منهن جو فاني بدن
ڪنهن اڻ ڏٺي ماڳ ڏي
جِتي رُج ۾ بيابان هجي
يا وري لفظن جي ساڃهہ
ايئن ترندي اَچي
ڄڻ ڪوواريءَ جو وَهڪرو هجي

اي معجزن جا خدا
منهن جي نالي سان گڏ خلقيل نشان
محبت جي مينهن بنا
اجايا اجاڙي نہ ڇڏجان

# THE HEART IS A CITY

My heart sprawls out
Like the environs
Of Peshawar, seen
From the sky:
In portions, Jamrud brown
At places, Cantonment green.

The heart is a city
Of contrasts
Held together by a dream.

# دل هڪ شهر مثل

منهن جي دل آهي پکڙيل
هڪ شهر مثل
هوبهو اهڙي طرح
جئن شهر پشاور
جي ڪرين تون ڪڪرن مان
هڪ هوائي نظر
ڪٿي جمرود جا بيابان
تہ ڪٿي ڇاوڻيءَ جا
نت نوان شان

هر دل آهي هڪ شهر مثل
مختلف رنگن ۽ روپن سان سينگاريل
آهي سڀ ڪجھ مگر
هڪ خواب مِثلِ

# WORSHIP

(A Poem to the Holy Prophet)

You whose life was worship
From start to finish
Your prayers shook the statis
In the skies
Because for you
Both ruku and suju
Were deeds,
Not words

In today’s ambivalent
World
Where people simultaneously
Oblate to God
And pander
To human beings

# عبادت

( پيغمبر جي شان ۾ )

سڄي حياتي توهان جي
منڍ کان پڇاڙيءَ تائين
عبادت ئي عبادت هئي
اوهان جي عبادت ۾ هئو اثر ايڏو
آسمانن کي هئو جنهن ڏڪائي ڇڏيو
درس هئو توهان جو مڪمل :
”بهتر آهي ڳالهائڻ کان هر پل
رڪوع ۽ سجدي جو عمل “

اڄ جي دنيا ۾ آهي ٻيائي
ڏٺيءَ جو نالو وٺي ٿو ڪوئي
۽ وڏندي رهي ٿي بي حيائي

And worship
Only throws
Darker and darker shadows
Upon this earth,
Our mosque

We beseech you,
Prophet of God,
For whom God
Is not simply a thought
But a presence
To unveil
The Kaaba’s hidden face.

عبادت جو وجي رهيو آهي نالو
عبادت گاهن تي نظر آيو
آهي مسلسل
هڪ اونداهون سايو

بي شڪ تون آهين نبي خدا جو
تخيل كان وڏ ، مانوس تو ڪرايو
جڳ ۾ وجود خدا جو
سائين ! توهان كي آهي هي عرض منهن جو
پليءَ پٽ اسان كي ٻڌايو
اصلي راز ڪعبي خدا جو؟

# THAT SMILE

Behind everything
Each fact, every act
Of the universe
A secret
Smiles

Both science and art
Are at pains
To figure out
The same

One is free
To frown or sneer
At the mystery
Of things

Or to become
A part
And parcel
Of that smile.

# خاص مُرڪَ

سنسار جي هر شئي ۾
قدرت جي مڙني ڪارنامن ۾
نيهن ۽ نظارن ۾
هڪ راز مرڪندو رهي ٿو

سائنس ۽ فلسفو
آهن موڙهل انهيءَ ۾ رڳو
تہ سمجهي سگهن راز تَنهن مُرڪَ جو

ڪوئي چپ رهي يا مَچِرِجي وڃي
سمجهي وٺي يا نہ سمجهي سگهي
منجهائيندڙ مُرڪَ تنهن راز جي

يا وري پاڻ ئي راز بڻجي
مُرڪَ جو حصو ٿي وڃي!

# ALL NIGHT LONG

All night long
They held me
By the hair
To plead
Be a good boy
And let us change
Your name

But I kept on
Remonstrating
To the end, saying
How does one awake
From life’s infant slumber
Without one’s childhood name?

# سَنجهي کان صبح تائين

سَنجهي کان صبح تائين
بي درديءَ سان منهن جا وار جهليائون
۽ هر هر هيئن ٺي چيائون :
” آهي انهيءَ ۾ تنهن جو ڀلو
تہ لڪائي پنهن جو اصلي نالو
بيان ۾ ٻڌاءِ ٻيو“

آهي ناممڪن مون ضد ڪيو
۽ احتجاج ڪندي مون هيئن چيو :
” آهي اها مرڻ جهڙي سزا
هوش سنڀالي ڪوئي جُوان
ننڊپڻ جي نالي بنا “

On hearing this
They plaited my hair
Into a knot
And planted a rose
At the top
Look here, they said
Will not a rose
Always be the same
Whatever its name?

Excepting, I replied
Even a rose
Which believes itself
To be a crow
Will start to grow
Like one.

اهو سڻي
منهن جي وارن جي ڳنڍ ٻڌائون
۽ ان ۾ هڪ گل ٽنبيائون
تهان پوءِ هيئن چيائون :
” ڇا نہ آهي گل سدائين گل ئي رهندو
کهڙو بہ ڪٽي مٿس نالو رکبو؟ “

”سوا انهيءَ جي جو، “
هيئن مون وراڻيو :
”گل بہ جي پاڻ کي ڪانءُ چوائيندو
گلشن ۾ ساري ڄمار ڪانءَ جيان ئي جئندو رهندو“

# SILENCE

You who hear
Our questions in repose
And respond
With silence

You are the silence
Around which
Storms of time
Contend

Though time is your voice
You do not breach
Your pyramid
Silence

Behind all the din
And celebration
Repression and cruelty
Remains
Your unabated
Silence.

# ماٺ

تون ٻڌين ٿو سوال اسان جا
ڏيان ۽ ڏيرج سان پر
وراڻي تنهن جي آهي ماٺ

وقت جا طوفان وڏا
آهن چئني طرف چوڌار
تن جي وچ ۾ بہ
تنهن جي آهي ماٺ

توڙي جو وقت آهي تنهن جو آواز
پر تہ بہ مينار تي انهيءَ جي
قائم ۽ دائم
تنهن جي آهي ماٺ

دنيا جا آهن گهمسان وڏا
رنگ رليون ۽ کهاٽيون ڏاڍ ڏمر جون
تن ۾ بہ اڻ ٽڪ
تنهن جي آهي ماٺ

# POEM

Sometimes a poem
Croons
Like a dragonfly
Upon desert sands

Sometimes a desert
Whispers
Inside the heart
Of a poem

Sometimes the pain
Of desertions
Is all the poem
You have.

# جدائيءَ جو نغمو

ڪڏهن ڪڏهن هڪ نغمو
هلڪن هلڪن سرن ۾
اُلا وسائيندڙ بلا جئن
واريءَ جي پٽن تي چانئجي ويندو آهي

ڪڏهن ڪڏهن
وارياسو
نظم جي هانءَ ۾
پٽڪندو آهي

ڪڏهن ڪڏهن
جدائي جو
درد ئي
هڪ نغمو هوندو آهي

# BITS AND PIECES OF MOON

Although the day's breath
Has turned cold
And bitter
Like soured friendships

Let the heart be comforted
By the genial arms
Of the sky
Stretching out and out
To enfold
Like a mother
Her babe

In the fragments
Of the broken heart
Are found
Bits and pieces
Of the moon.

# چنڊ ڇيهون ڇيهون

ڏينهن جو ساءُ
ايئن ٿڌو ۽ ڪڙو لڳي ٿو
جئن هجي ڪو دوست رُنو

آٿت ملي ٿو دل کي
جڏهن ياد ڪجي
پيار واري ٻانهُنِ کي
جئن امڙ لولي ڏئي
ٻنهن جي پياري ابهم کي

ٽٽل دلين ۾ ئي
لهي سگهبو آهي
چنڊ جي ڇيهن کي

# POEMS II

Leukemic poem
Losing every hour
The fight within

Diabetic poem
Receiving repeated
Shots of insulin

Paraplegic poem
Waiting to be pushed
In a wheel-chair

Comatose poem
Tied to a
Respirator.

# مرٽينگ نغمو

ڪينسر جو نغمو ڳرندو رهيو
برف جيان
اندر ئي اندر ۾

ذيابيطس جو نغمو رِڙهندو رهيو
ڪُميءَ جيان
اِنسولينِ جي آڙ ۾

فالج جو نغمو ليٽيو رهيو
هڪ هنڌ
ويل چيئر جي انتظار ۾

مرٽينگ نغمو ساهہ کڻندو رهيو
هڏڪين سان
مشينن جي پرمار ۾

# MAYBE

Maybe
May will become
Be
Transfiguring the suppleness
Of a subjunctive thought
Into a metaphor's chained
Imperative.

Maybe
May will become
Be
And like the allegorical tiger
Swallow me.

# ٿي سگهي ٿو

ٿي سگهي ٿو تہ
اڻ ٿيٽو ٿي پوي
جا آهي گمان ۾
سا پڌري ٿي پوي

ٿي سگهي ٿو تہ
اڻ ٿيٽو ٿي پوي
خيالن ئي خيالن ۾
علامتي شير ببرُ
مون کي ڳِهي ويجي

# SEASONS AND POEMS

Seasons and poems
Bide their time

In hidden bowers
In the sky
When their time comes

Seasons and poems
Surprise the earth
With their presence
And power.

Seasons and poems
Return spontaneously
In the fullness of time.

# مندون ۽ نغما

مندون بہ آهن نغمن جيان
پنهن جي پنهن جي وقت سان

ملي ڪن ٿا ٻئي
الاهي رازن کي عيان

مندون ۽ نغما
پنهن جي پنهن جي وقت سان
حيران ڪن ٿا پون امڙ کي
اڻ مٽ جوش جلوي سان

مندون ۽ نغما
ازخود اچن ٿا
ڀرپور
پنهن جي پنهن جي وقت سان

# LOVE

Only a touch of love
Will smother one
Its single drop
Triggering off the wreckage
Of a life time.

Unshackling the spirit
Love sends icons
Chained from the sky
Like chandeliers
Hurtling to the ground.

Love
Shakes and shatters
Everything
Big and small
Travelling like light
It transforms elements
Beyond recognition
Bypassing belief.

Love has a magic power
Few are given
To understand.

# پيار

پيار جي هڪڙي گهڙي
جي مِلَي پيارن کان
مٿجي وڃي پل پر ۾
سڄي عمر جو ارمان

پرت جي پيالي سان روح سراپا رچي وڃي ٿو
آسمان مان جرڪندڙ بتين جو مينهن وسي ٿو

پيار هر شيءَ کي لوڏي ۽ ڏوڏي ڇڏي ٿو
پيار تيز روشنيءَ جيان هر هنڌ پهچي وڃي ٿو
نٿو اچي اعتبار تہ ڪيئن،
هر شيءَ جو رخ بدلي ڇڏي ٿو

پيار جي هٿن ۾ آهي عجيب جادو
پيار جي دنيا کي سمجهي سگهي ٿو ڪو ڪو

# ICICLES OF JOY

Time was
A smile upon your lips
Drew melody in my eyes

And when a thorn fell
Upon my brows
Your eyelids drooped
Under the weight of fears

Time lost
Is like a calyx torn
From its stamen
By a storm

Who can restore
The losses suffered
By the heart
Icicles of joy
Merge into
Waterfalls of regret.

# خوشيءَ جا ڳڙا

ڪو وقت هئو جو مُرڪَ تنهن جي چپن تي
پريو منڙو ساز منهن جي اکين ۾

پر جڏهن ڏکن ڪيو مون تي ديرو
ٻپ وچان تنهن جي اکين ڪاڏو ڦيرو

وڃايل وقت، اُف !
جئن انڌا ڌنڌ طوفان سان
گل جي مکڙي تڻي پوي ڏانديءَ کان

ڪير ٿو پيار سان پري سگهي
گهاءَ جي مليا آهن دل کي !
خوشيءَ جا ڳڙا جي وسيا هئا
پڇتاءَ جي نالن ۾ آهن وهي ويا

# A DREAM

Softly in my dream
A poem alighted
Like a dove
Upon my shoulder
Cooing and
Hopping about
Until its eyes shut
In a trance.

Awaking
I spotted footprints
Upon my shoulders
As though a dove
Lay nestling
Upon it
As I slept.

# هڪ خواب

آهستي آهستي اڄ خواب ۾
هڪ غزل ٽيو نازل
هڪ ڳيري مثل
ٽپندو ڪڏندو
ٻوليون ٻوليندو
منهن جي سيرانڌيءَ

اوچتو مون جاڳندي ڏٺا
پيرن جا نشان
پنهن جي سيرانڌيءَ
هو ٻهوائين جئن
مون کي ستل ڏسي
ٺاهي ويو هجي ڪو ڳيرو
پنهن جو آکيرو
منهن جي سيرانڌيءَ

# TWO MONOLOGUES

Your monologue
Becomes
A book of meaning
Giving birth to the
Quintessential
Word.

My monologue
Remains
A flow of words
Waiting
For meaning
To be born
Through a
Poem.

# ٻہ وايون

تنهن جي وائي
آهي سجائي
هڪ ڪتاب جيان
مطلب واري
جڻ قوم لاءِ،
هجي قانون ضروري!

منهن جي وائي
لفظن جي لوڏ رڳو
تيز وهي جئن
پاڻيءَ جو وهڪرو
چوليون جنهن جون
هڪُ سُريلو نغمو

# TWO PAIRS OF EYES

The very essence
Of antithesis lies
In a striking similarity
Between two pairs of eyes.

Here in these pupils
I may gaze a lifetime
Searching for the lighthouse

But in those eyes
A single flash of lightning
Struck me for ever
Blind.

# اکيون چار

ڪيڏي نہ هڪ جهڙائي
آهي چئن اکين ۾ !
ٽئي پڌرو جئن ڳجهہ
تضادن ۾ !

اِنهن ماڻِڪين ۾ گهوريندي
سڄي حياتي
ڳوليندو رهيس مان
اصلي روشني

پر اُنهن اکين مان
روشنيءَ جي
هڪ جهلڪ سان
عمر پر
اَنڌو ٿي پيُسِ مان !

# FAREWELL

Farewell is dying
Before death’s final gallop.

Browning’s farewell
Is a ride
Eternalized.

Love and art
Intersect
At the gallows
Of the heart.

Wisps of sorrow
In our songs
Mean to make the spirit
Strong

But once that moment
Overpowers
Behold the tumbling
Of  towers.

# موڪلاڻي

موڪلاڻي آهي مرڻ کان اڳ
موت جي آخري هِڏڪيءَ جيان

موڪلاڻي ڪارن وارن جي
آهي جڙ ازل ڏانهن سواري

موڪلاڻي آهي جڙ
ڪِرت ۽ پريت مِلن
دل جي ڦاهي گهاٽ تي

موڪلاڻيءَ مهل ڳايل
نغمن ۾ سهيڙيل
سورَ ۽ پورَ
آهن ضمير لاءِ خمير

موڪلاڻيءَ جي گهڙي
ٽئي تي جڏهن دل تي حاوِي
پوندا آهن قَصرا ۽ ڪوٽ ڪِري

# IMPRISONED AIR

Each breath is a bird
Leaving the body's nest
For freedom's sky
We live
On imprisoned air
And die when it is free

The most passionate stuff
Of life
Cohabits with the coldest
Those who seek finalities
Merely wave flags
And can not flame a torch

# قيدي هوا

هر ساهہ آهي پکيئڙو
ٿي آجو
آسمان ڏي اُڏري وڃي ٿو
قيدي هوا آهي جئندان اسان جو
رِهائيءَ سان جنهن جي
ٿئي ٿو واقعُ
مرڻ اسان جو

گذرڪن ٿا اڻ ٿڪ جيون جا جذبا
سَردُءِ ماڻيٽي مَنَ سان
سَڪٽوشوق آهي جن کي
منزل تي رسڻ جو
ڦڙڪائن ٿا هوا ۾
اُهي خالي جهنڊو
سَتُ ناهي تن ۾
هڪ چڻنگ ٻارڻ جو

Inspirations die if
One learns to do
Without them

In the humility of abnegation
There is hope
Of understanding

Beyond the cloud of tinsel
The search for silver linings
But begins

Words are amiss
When life and death
Hang in balance.

سکيو جنهن سبق سَردُ مهريءَ جو
آهي ڄڻ بي موت مرڻ
اُنهيءَ جي امنگن جو

ڪري جو عاجزيءَ سان ترڪ دنيا جو
آهي سولو سوجهڻ انهيءَ لاءِ
رازهن جهان جو

دنيا جي ظاهري رَوَش کان ڏور
ملي سگهي ٿو حقيقت جو نور

حياتي ۽ موت جو آهي نازڪ مسئلو
سَمجهڻ جنهن کي ناهي ڪيڏُ اکرن جو !

# LORD, TEACH ME

Lord teach me to inhabit
My own metaphor
Like an oyster
Its shell

Teach me to pass
Through the smelting –furnace
Of language
Into the tree-shade of meaning

Teach me to reach
The wholeness
For ever eluding
The paraplegic poem

Teach me the sapience
Of the deaf flute
That sings
Through its eyes

# مولا مون کي سيکار

مولا مون کي سيکار تہ
پنهن جي آتما ۾ ئي سمايل رهان
رهن ڻا سالم پنهن جي کول ۾ جئن ڪستورا

مولا مون کي سيکار تہ
زبان جي اجائي لٻاڙمان نڪري
مرادن پرئي وڻ جي ڇانوَ وهان

مولا مون کي سيکار تہ
اَڌوري نغمي جي مطلب کي
پليءَ پٽ سوجهڻ جي سگهہ رکان

مولا مون کي سيکار تہ
مُرليءَ جي منڻن سُرَن جي آلاپ کي
پنهن جي عقل ۽ فهم ۾ هنڊائي سگهان

Teach me to lift
My hands in silence
Like a cactus praying
In the desert

Teach me to be
Still
In the midst of ubiquitous
Motion

Teach me
To rise
Above the quicksand of
Commotion

Teach me to bend
The oxblood
Of the mind’s rainbow
To the heart’s true colour

Teach me to look
Beyond history’s time-piece
To the chimes and gyrations
Of inner events.

مولا مون کي سيکار تہ
برپٽ ۾ ٿوھر جي خاموشيءَ جيان
ھٿ کڻي ،ھردم توکي سڏيان

مولا مون کي سيکار تہ
زماني جي اڏنگي ھلچل کان ڏور ،
ڏيرج سان بيٺو رھان

مولا مون کي سيکار تہ
گھمسان جي ڏبڻ مان نڪري
اُتم ٿي اُپران

مولا مون کي سيکار تہ
مَنَ ۾ انڊلٺ جيان موڙھل رنگن کي
دل جو سچو رنگ ڏيان

مولا مون کي سيکار تہ
زماني جي حدن کان ڏور ڏسان
۽ مَنَ اندر جا اصلي راز پسان

# EVERY DAY

Every day
Events hang me
On the gallows

Every day
Time’s saw
Cuts deeper

Every day
I fail
To materialise

Every day
A hope is
Deracinated.

# هر روز

هر روز مون کي
هنگاما زماني جا
ڦاهيءَ تي ٽنگن ٿا

هر روز مون کي
ڪاٽ ڪهاڙا وقت جا
ڪوريندا رهن ٿا

هر روز حصا
وجود منهن جي جا
فنا ٿيندا رهن ٿا

هر روز منهن جي
اُميدن جا مينار
ڪرندا رهن ٿا

# SUNLIGHT

The day you died
I wished I could turn
God’s face
Towards the wall
Till the day’s end

Instead
I lowered my gaze
Remembering
That every bit of sunlight
Is but God’s shade
In passing
Over the walls.

# سج جي روشني

تنهن جي مرڻ تي مون چاهيو تہ
منهن پٽ ڏي ڪيان
ساري خدائيءَ جو
جيسن ٿئي وقت
سج لهڻ جو

پر نہ
مون پنهن جو ڪنڌ هيٺ ڪيو
ڇو تہ
مون کي ياد آيو
تہ سج جي روشنيءَ جو
هر ڪرڻو
آهي پاڇو ڏٽيءَ جو
ڀتن ۾ ڀتين تي جيڪو
آهي ٿلندو رهندو

# TRUTH’S MIRACLE

In the end
Truth is alive
Although its enemies
Bludgeon everything
Resembling it
And acolytes look by
As Jesus is
Impaled

In the end
Truth lives on
Through its sheer power
To flower
From a pea-pod
Even in the wasteland’s
Heart

Truth’s miracle
Is to prosper
Through the world’s
Cinderellas and
Cordelias.

# سچ جي ڪرامت

سچ آهي سالم سدائين
منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين
پلي پيا روڪن اُسرڻ اپرڻ کان
سچ کي دشمن ؛
بي بس ٿي پيا خادم ڪليسا جا
ٿيو اَوجهل صِليب تان
جڏهن مسيحا

سچ رهي ٿو قائم سدائين
اٿس ايڏي طاقت وڏيائي
گلن ڦَرين ۾ ساون گاهن ۾
آهي سدا موجود
اُجڙيل دلين جي احساسن ۾

سچ جي ڪرامت آهي
هميشہ اڳتي قدم
زماني جي هر دور ۾
دم بدم

# LOVE’S VOLCANO

Something it is to sit
Atop love’s volcano
With a lama’s assurance
Waiting for the lava
To break

Something it is to face
Without blinking
The goliath of time

# پيار جو ٻرندڙ جبل

پيار جي
ٻرندڙ جبل تي وِهڻُ
وَٺي ڪنهن پير يا پادريءَ جو چوڻُ
تہ ”ڪر صبرُ پيارا
اِجهو اُجهامڻ تي آهي لاوا“

لڳندو آهي تہ جڻ
صديون بہ ٿي ويندي‌ون پوريون
بنا اک ڇِنڀڻ جي

# REMEMBERING BRIGADIAR QAYUM

From the storm of severance
Into which you went
Carrying your nest of time
Like a folded tent

Your memory returns
Like a songbird
To its bower
Defying the power of the winds
We were a family till yesterday
Today you are my poem

They say that in death’s sleep
A gentle smile lay pendant
Upon your lips
Was it not the ambience
Of that inner sun
Forever at zenith
In your heart and mind?

# تنهن جي ياد ۾

طوفانن کي سميٽيندي تو
هي جهان ڇڏيو
کٽي پاڻ سان وقت جو آکيرو
هڪ تنبو جئن ويڙهيل هئو

اڄ تنهن جي ياد آ ڪيو، دل تي گهيرو
جئن ڪوئل ڪري ياد پنهن جو بسيرو
ڪلهہ تائين هئو هڪڙو گهر اسان جو
اڄ آهين تون هڪ سهانو نغمو منهن جو

چون ٿا تہ مرڻ مهل
پياري مرڪ هئي تنهن جي چپن تي
هئي ڇڻ اپرندڙ سج جي روشني
چمڪيو ٿي جيڪو هميشہ
تنهن جي مَنَ ۽ بدن تي

To those who knew your warmth
You were God’s gift
They who stand today
Giftless and cold

You would forget your own
Body’s ache to be anodyne
For others
You did what you believed in

Saadi’s pilgrim returned
Empty-handed from paradise
Unable to pluck
The flower he so much
Wished to bring
Back with himself

From the same rose-garden
Where
We saw you enter
Laden with a bounty
Of roses.

نصيب هئي جن کي
گرم جوشي تنهن جي
افسوس اڄ آهي پيار کان
خالي جهولي انهن جي

درد تو پنهن جو وساري
ڪئي همدردي ٻين جي
خلوص ۽ پيار تي ٻڌل هئي
هر ڪِرت تنهن جي

زيارت ڪرڻ باغ عدن جي
جڏهن ويو سعدي
دل ۾ خواهش ڪٽي
انمول گل پٽڻ جي
نااميد موٽيو هٿين خالي

ساڳئي گلن پرئي باغ ۾
جڏهن ٿئين تون داخل
آئين نظر تون اسان کي
گلن جي جهالر ۾ ويڙهيل

# TIME’S MEASURE

Time’s measure
Is not the candle-brief
Life of a flower

But the dream
Driving a saxifrage
To dance through
The granite’s heart

The measure of time
Is efflorescence
Amidst
Ubiquitous heartbreak.

# وقت جو ماپو

حياتي هڪ گل جي
يا هڪڙي رات
ٻرندڙ ميڻ بتيءَ جي
ناهي ماپ وقت جي

هڪ خواب جيان
سدا بهار ٻوٽي جيان
پٿن ۽ پٿرن ۾ نچندي
آهي ماپ وقت جي

ٽِلندي ۽ ٽمڪندي
ٽٽل دلين ۾
آهي ماپ وقت جي

# THE MIND’S EYE

# مَنَ جي اک

Beyond
The reach of sound
The silence
Of the seashell
Is heard

In the mind’s eye
Meaning survives
Specters
Of sights
And sounds.

آواز جي پهچ
کان ڏور
ٻڌي سگهبي آ
سانت سِپُن جي

مَنَ جي اک ۾ مگر
رهن ٿا اَمرُ
جيون جا
سڀ آواز ۽ مَنظرَ

# FLOATING LANDMARKS

The heart too
Changes colours
Like the sea
A flight of geese
Debouches on the salt-lake
In the eyes

Swollen waters
Leave behind
Inverted banyan trees
So many landmarks
Float amidst the tumult
Of a flood.

# ترندڙ اُهڃاڻ

دل جا رنگ بہ بدلجن ٿا
سمنڊ جي رنگن جيان
اکين جي لوڻاٺي پاڻيءَ ۾
ڪئي نقش ترن ٿا
ڍنڍ ۾ ٻدڪن جي وَلر جيان

تيز وهڪرو پاڻيءَ جو
اُکيڙيندو آهي ٻڙ جي وڻن کي
برسات ۾ ٻوڏن جيان
ڪيئي اڪٿ اهڃاڻَ
ترندا آهن ٻوڏن جي پاڻيءَ وچان

# SEARCH

Prayer-call
From the minaret’s top
I get up
Seeking a poem
Early dawn
They say
Is most propitious

To searching
For God
Who’s omnipresent
Or some poem
That’s nonexistent.

# ڳولا

صبح سويري جئن سڏ ٿئو
مَسجد جي ممبر تان عبادت جو
منهن جي اک کُلي
۽ لَڏم هڪ گِيت ڳولي

چون ٿا تہ پرڀات جو
وقت آهي سُٺو
حاضر ۽ ناظر ڏٺيءَ سان ملڻ جو
يا وري ڪنهن ناپيد گِيت کي آلاپڻ جو

# INNER POEM

Many poems
Dispensed with
A single pen

But in the end
One learns
There is only
One poem
And that is
Myself
Within me

All other poems
Grow laterally
From that inner poem.

# اندر جو نغمو

ڪِلڪَ سان گھٽائي
نغما لکيا مون

پر آهي هڪ ئي
نغموانهن ۾
جي ڄاڻين تون
اُهو آهيان
مان پاڻ
پنهن جي اندر ۾

باقي ٻيا سڀ نغما
ڦٽن ٿا پر پاسي ۾
انهيءَ ئي نغمي مان
جو آهي منهن جي اندر ۾

# HARVEST SONGS

Harvest songs
Like grains oozing
From ripened stalks

The pain
Of golden seeds
Crushed between stones

The reek
Of avarice in man
And beast alike

The long wail
Of sirens
At famine time

The lyric frozen
In the heart
Of things

# فصل لُٽڻ جا نغما

فصل لُٽڻ جا نغما آهن
جئن
چٽن اَنَ داڻا پڪل سنگن مان
جئن
سهڻا سنهري ٻج داڻا
جنڊ جي وچ ۾ پِسجڻ جا ؛
جئن
انسانن ۽ حيوانن ۾
لوڀ ۽ لالچ جي پڙڪڻ جا ؛
جئن
ڏڪار جي وقت
تبلن ۽ توتارن وڄڻ جا
جئن
هر ڪنهن جي دل ۾
ساز ۽ سوز نڪرڻ جا

# HOPE

Although death stalks
The whole of life
Hope too
Keeps shining
To the bitter end
Or suffering a reverse
It simply retreats
Into a grotto, well
Or stone
Then starts to probe
All over again
Even dinosaurs
Are not dead
Though extinct.

# آس

جيتوڻيڪِ سڄي ڄمار انت ٿئي ٿي
موت جي ڪناري تائين
تہ بہ آسَ ٿمڪندي رهي ٿي
مرڻ گهڙيءَ تائين
يا وري آس نراس ٿئي ٿي
ڀٽڪندي ڀٽڪندي
ڀٽن غارن ۽ جبلن تائين
۽ وري ڀيهر نئين آس شروع ٿئي ٿي
آخري سفر تائين
بي شڪ نظر کان اوجهل آهن
پر ڏائنوسار بہ مُئا ناهنِ!

# MEMORIES

Memories stir
Like polyps
In ocean-beds
Or pass
Over cornfields
Locust-like.
Memories enrapture
A dreaming soul
With their mermaid beauty
Or maim
With necromantic needles
The lavender of cheeks.

# ساروٽيون

ساروٽيون پلجن ٿيون ، سمنڊ جي پاتال ۾
پودن جيان
يا وري اُڏرن ٿيون ڪڪڙ جي فصلن مٿان
ماڪڙ جيان !
ساروٽيون جهنجهوڙن ٿيون خوابن ۾
خُوبرو پرين جيان
ساروٽيون ميساري ڇڏن ٿيون
ڳاڙهن ڳلن جي لالي
ڇُو منتر جيان

# GESTURE

Before dying
A child held
His mother’s hand
And placed it
On his neck
Where the pain stung
The dying child
Knew no other way
To convey
His suffering
That neck splitting
With indescribable pain
Could have been Mansur’s
Or Ismaeel’s or Hussain’s
There are moments
When speech itself is nothing
The wordless gesture of the child
Said everything.
When a child dies
There are questions
To which the only answers
Lie with God.

# نرالي آَدا

مرڻ مهل هڪ ٻارڙي
جهلي هٿ امڙ جو
رَکيو پنهن جي ڪنڌ تي
سورَ جي سَٽَ هئس جتي
معصوم ٻار موت جي ڪناري
ڪري نہ ٿي سگهيو زبان سان
اظهار سورَ جو
هئو بيان کان ٻاهر
ايذائيندڙ سور ڪنڌَ جو
ٿي سگهيو ٿي ڪنڌُ اُهو
اسمائيل ، حسين يا منصور جو
ڪڏهن ڪڏهن ، ماٺ ڳالهائي ٿي سڀ ڪجهہ
جتي ناهي ڪو چارو بيان جو
مرندي معصوم جي نرالي آَدا چئي ڏنو سڀ ڪجهہ
بنا ڪجهہ چوڻ جي
جڏهن ڪو ابهم مري ٿو
ڪيئي سوال دل ۾ اُٿن ٿا
جواب جن جا ڄاڻي ٿو خود خدا

# INDIFFERENCE

Someone
Calls out—
So much like you.
One rushes
To the door
Instinctively
Only to face
The hush of indifference—
So much like yours.

# بي رخي

ڪنهن جو سڏڻ
بنهه تو جيان!
منهن جو ڀڄڻ
مَنَ اُڇل سان
موٽ ۾ ملڻ
بي حِسي بي رخي
بنهه تو جيان.

# TIME

Time too is bound
By oath of secrecy

To name the truth
One needs to be
A child

Perhaps
Aeons hence
Time’s infant laughter
Will spill the beans.

# وقت

وقت ٻہ آهي ٻڌل
ڳجهي ڪنهن عهد سان

سَچُ  چوڻ لاءِ
ابهم ٻار ٿيڻو پوندو

صدين کان پوءِ
سچ پڌرو ٿيندو
وقت جي معصوم ٽهڪڙن سان !

# EYES

Cold eyes
Burning
Like a tiger's in the dark

Or exuding heat
Like the glacier's
Feline breath

Heart-binding eyes
Hurt-healing
To the touch

Eyes simply
Holding and beholding
Love.

# اکيون

سرد اکيون،
چمڪن اونداهيءَ ۾
جئن ڪنهن چيتي جون

يا ڪنهن برفاني ٽڪر تي
ڪنهن شير ببر جي ساهہ مان
نڪرندڙ اُٻ جيان

مَنَ جوڙيندڙ ۽
مِلڻ مُڇڻ سان
درد مٽائيندڙ

فقط اکيون ئي تہ آهن
پيار کي موتين جيان
پوئيندڙ ۽ پروڙيندڙ

# DEATH

He’s not a one-time
Attacker prone
To ambush the moon
In one’s eyes
But hiding like an adder
In the eyelids’ lair
Death stalks
The whole of sunlight
Like a siege
Of shadows.
Love’s
Rainbows we scale
By the light
Of a dying star.

# موت

موت ڪري ٿو وارا
هڪ نہ پر ڪئي پيرا
لڪل رهي ٿو اکين جي ڇپرن ۾
جيسن ناسُ ڪري
نيڻن ۾ لڪل چنڊ تارا
موت جي مُٺ ۾ آهي بند
اُسَ ساري جڳ جي
وٽس ئي آهن قيد ڪيل
جڳ واسين جا پاڇا
اسين پيار جي انڊلٺ کي ماپيون ٿا
جڏهن هڪ ٿي ڪِرڻ ٿا
روشن تارا .

# DOOR, LOCK AND KEY

Mother, you are alive
In the faces you created and loved.
Thinking of you today,
A mother’s parting gift
To her daughter
In a Japanese myth
Tiptoes to mind.
Whenever you wish to see me
Face to face after I’m gone,
Smilingly she said,
Bring forth this mirror from your purse
And gaze into it.

# درُ ڪلف ۽ ڪنجي

( ماءُ ممتا جي شان ۾ نذرانو )

امان تون آهين امرُ هزارن ۾
پنهن جي جڙيل ٻچڙن ٻارن ۾
اڄ توکي ساريندي، آهستي آهستي
تري آئي آهي دل تي
ڏند ڪٿا هڪ جپاني ــ
هڪ ماءُ ڏني سوکڙي،
پنهن جي ڌيءَ کي هڪ آرسي
۽ چيائين ته پياري نياڻي
جڏهن مان ڇڏي وڃان هي جهان فاني
۽ تنهن جي آس ٿئي
آمهون سامهون مون کي ڏسڻ جي
ڪڍي پنهن جي ٻٽوڻ مان هيءَ آرسي
ڏسجانءِ پاڻ کي انهيءَ ۾ گهوري
تنهن جي سِڪَ مون کي ملڻ جي ٿيندي پوري

This is my poem to motherhood-
All mothers are sacred
The snake’s, the cheetah’s, the bear’s
The murdered and the murderer’s alike
The sinner’s as well as the saint’s.

How can one belie
The images of your existence
So true to form
Your willingness to stand
On your own feet
Your defiance of gravity
In the will to rise
With poise and dignity

Generations of mothers
Consummate the purposes
Of the creator
And there is nothing
More cosmos-emptying
Or soul-shattering
Than a mother’s death.

مائرون آهن سڀ پاڪ ۽ پوتر
ماءُ نانگ جي هجي ، چيتي جي يا رڇ جي
گنهگارجي هجي يا ڪنهن پهتل فقير جي
ماءُ قاتل جي هجي يا مقتول جي
رُتبي ۾ آهن سڀ برابر

تصور تنهن جي هستيءَ جو
ڪيئن ڪوئي ميساري سگهي ٿو
ايڏو تہ عظيم آهي قد و قامت انهي جو
هر دور ۾ اوچو بيٺو رهيو جو
ڪشش ثقل کي بہ پيرن هيٺان ڏريو جنهن
تا قيامت شان تنهن جو وڏندو ئي رهندو

خالقِ تخليق جو مقصد سمورو
ٿئي ٿو پورو، مائرن جي اچڻ سان
ٿئي ٿي خالي ڪائنات جي جهولي
۽ روحن ۾ مچي ٿي هلچل
مائرن جي مرڻ سان

Tell me, asked a saint
From a candle-bearing child
Where comes the light
Of your candle’s flame?
First teach me, he replied,
Where does it vanish
When it is blown out- thus!

Substance has no form or face
What was is no more
What is has already moved apace.
We must learn to accept
Our disappearance with grace.

ميڻ بتي هڪ ٻار جي هٿ ۾ ڏسي
پڇيو هڪ سَنت کانئس ويجهو اچي
ڪٿان اچي ٿي روشني تنهن جي هن بتيءَ جي؟
وراڻيو ٻار سوال سنت جو ٻڌي
پڙهايو مون کي پهرين سائين
ڪاڏي اها روشني گم ٿي وڃي ٿي
( ميڻ بتيءَ کي ڦوڪ سان وسائيندي)
هيئن اُجهامي جڏهن ميڻ بتي وڃي ٿي؟

هتي ناهي مستقل وجود ڪنهن جو
اڄ ڪونهي ڪلهه هئو موجود جيڪو
جيڪي اڄ آهي سوبہ اڪين کان اوجهل ٿئي پيو
سبق آهي اسان اهو ئي سکيو
” شان سان قبوليو هن جهان ۾ انت پنهن جو “

# THE SPOT

The spot on which my mother lies
Is a part of paradise
The earth which absorbs her tears
Develops eyes
Read well my signatures of love-
The Lord God cries
An amaranth will fade
An ocean can dry
A mother is an ichor-drop
That neither dries,
Nor dies.

# خاص هنڌ

بهشت جو ٽڪڙو اهو خاص هنڌ آهي
ابدي ننڊ ۾ جتي
منهن جي امڙ سُتل آهي
اَمڙ جي ڳوڙهن سان، جا پونءِ ٿي آلي
ڦٽي پوي ٿي تنهن هنڌ هڪ اک نرالي
”پروڙيو منهن جي پيار جا اهڃاڻ“
الاهي آواز اتان اچي ٿو،
اَبَدي ننڊ ۾ جتي
منهن جي امڙ سُتل آهي
گل سهڻا ڪوماٹبا ۽ سُڪندا پاڻي سمنڊ جا
پر ٻوٽا امڙ جي پيار جا،
آهن اهڙي امرت ڌارا
جي نه سُڪندا نه ڪوماٹبا

# MOTHER, MOTHER

Mother, mother
The nails are tearing
Me apart, searing my guts
From inside
Mother, mother
Do something to save me
From unbearable pain
I swallowed them
To escape the axe of life
Little did I know
The price of dying
In pain.
At this moment, mother
Am I alive or dead?
And why does it feel
The same?

# امڙ او امڙ

امڙ او امڙ
پيار پريل هٿن سان مهٽي
گهٽ ڪيو منهن جي سور کي
امڙ او امڙ
ٻڌي چڏيا آهن مونُ چهنبدار ڪوڪا
آجو ٿيان سُتَتُ جئن ،
جِيون جي وڍيندڙ سور کان ،
ڪيڏو نہ هئس اڻ ڄاڻ مان !
امڙ او امڙ
آهيان هِنَ مهل مان
مئل يا جيئرو؟
خدارا مون کي کولي ٻڌايو
آهي موت ۽ زندگيءَ جو
چو احساس ساڳيو؟

# THERE IS A TIME

There is a time
For fruitfall.

A season for shedding
Of leaves

And an occasion
To be tree-felled.

The shedding of tears too
Has time and season
Only one cannot tell.

Suddenly you hear the tolling
Of a bell.

# پنهنجو وقت آ

ميوي پچڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ
پنن سُڪڻ ۽ ڇڻڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ
وڻ جُهڪڻ ۽ ڪرڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ
اکڙين مان لڙڪن وهڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ
۽
ڳلن تي موتي بڻجي ٿمڪڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ
ڪجهہ نہ ڪُڇي سگهڻ جو بہ،
پنهن جو وقت آ
گڏجاڻيءَ جي گهنڊ وڄڻ جو بہ
پنهن جو وقت آ

# AMEN

When one reaches
The edge of the void
Tongue frost-bitten
Eyes ice-stung
There is but one word
At hand to salvage
One’s battered self
And that’s all the respite
One has time for
Or breathe in store
And that word-oar
And prayer-boat
Is Amen!

# آمين

جڏهن عمر جون گهڙيون
پڄاڻي کي رسن ٿيون
زبان ۾ اڪيون
برف جيان ڄمڻ لڳن ٿيون
چوٽڪاري جون واٽون سپيئي
بند ٿين ٿيون
تڏهن هڪ ئي اکر جي وِرد سان
راهون کلن ٿيون
قسمت جون ٻيڙيون  ﮥ انهيءَ اکر چوڻ سان
اڳتي وڌن ٿيون
اُهو انمول اکر آهي ” آمين“

# BECAUSE OF YOU

Because of you
I'm safe in
A house of flames
Because of you
The sky still knows
Our names
Because of you
Time's avalanche
Stands still
Because of you
My eyes are nailed
On you
Because of you
I am not one
But two.

# رڳو تنهن جي ڪري

باھ جي اُلن ۾ به
آهيان مان سلامت ،
رڳو تنهن جي ڪري
آسماني تقدير ۾ به
آهن درج
نالا اسان جا ،
رڳو تنهن جي ڪري
وقت جو وهڪرو به آهي
صبر ۽ سانت ۾،
رڳو تنهن جي ڪري
هر وقت کُتل آهن
تو ۾ منهن جون اکيون
رڳو تنهن جي ڪري
اسين ٻه آهيون
نه آهيان مان اڪيلو،
رڳو تنهن جي ڪري

# BLACK STONE

Black Stone
Firmly embedded
In Kaaba’s holy wall
Do you feel their heartbeats
When millions converge
Upon you, trying to kiss
Or do you stare at them
Supremely oblivious?
Are you cognizant
And caring
Or just a stone in bliss?
Another black stone
Which resides
In a white casement
Inside my eyes
Remains out of reach.

# حجرآسودُ

تون جو آهين ڪُتلَ
ڪعبي جي مقدس ديوار ۾
مضبوطيءَ سان،
چا تون ڪرين ٿو محسوس دلين جي ڌڪ ڌڪ
جڏهن توکي چُمن ٿا ڪروڙين انسان؟
يا گهوريندو رهين ٿو تن کي،
بي حد بي نيازيءَ سان
چا تون آهين فقط هڪ بي جان پٿر
يا لهين ٿو پر گهور،
ڪروڙين ماڻهن جي بي مثاليءَ سان؟
منهن جي اکين ۾ به آهي سجايل
هڪ حجر اَسود، پر آهي ڏاڍو ڏکيو
چمڻ انهيءَ کي آساني سانءَ!

# RAY

Each poem is a ray
Born in the mind
Borne on the wings of thought

Racing like a dart
Toward the nascent sun
Hiding the curls of night.

Each ray is questing
For a mother-sun
Waiting to pour light.

# ڪرِڻو

هر نغمو آهي ڄڻ سج جو ڪرڻو
جڏهن مَنَ جي سج مان اڀري ٿو
تہ خيالن جي پرن تي سوار ٿي
اُڏري ٿو.

هر نغمو ڪرڻي وانگر، نت نئين سج
مان نڪري ٿو،
۽ تيزيءَ سان رات جي اونداهيءَ کي
ميساري ڇڏي ٿو.

جئن ڪو ٻُبهم اَمڙ کي ڳولي
ايئن هر ڪرڻو سج کي ڳولي ٿو
۽ روشني سان ٿمتار ٿئي ٿو.

# HIS PALMS

Life and death
Are  a matter of tryst
Between God and us
When He opens His palms
Life starts to churn
Its endless gifts
When they are closed
It is death's turn
To gather bloom
It remains our trust-
What today is shut
Will open soon.

# خدا جا هٿ

حياتي ۽ موت آهن ، رڳو ملاقات جا بهانا
خدا ۽ اسان جي وچ ۾
جڏهن خدا هٿ کولي ٿو،
حياتي جون اڻ کُٽ نِعمتون وسن ٿيون
۽ جڏهن اُهي هٿ بند ٿين ٿا
موت جو سڏ بند ڪري ٿو،
سڀئي در دنيا جا .
ٿو چوان مان يقين سان ،
جي در اڄ بند ٿين ٿا ،
سي وري سگهوئي کلندا.

# LONELINESS

Loneliness
Is like a bolt of lightning
Striking an old stone house.
Sadness is felt
Like rafters falling
In an earthquake.
In the end, loneliness that stalks outside
Seeks out
The sadness within.

# اڪيلائي

هن جيون ۾ اڪيلائي
ايئن لڳي ٿي
جئن پٿرن جي پراڻي گهر مٿان
اوچتو وِڄُ ڪري
دل جي اُداسي
ايئن محسوس ٿئي ٿي
جئن زلزلي ۾
ڇت مان كَامَ ڪِري
پڇاڙيءَ ۾ تَنَ جي اڪيلائي
پنهن جي ليکي
ڳولي لهي ٿي مَنَ جي اُداسيءَ کي !

# ARROWS OF LOVE

Poetry is a form of archery
And these, my friend,
Are not poems
But arrows of love
Suicidal, luminescent.
I am myself
Bow, arrow and that red spot
In the dead centre
Which every poem aims
To hit.

# تير پريت جا

آهي شاعري
تيراندازيءَ جيان
اي منهن جا دوست!
جي تو بيت ڀانيا
سي آهن تير پريت جا
ٻرندي لڇندي ساڙن ٿا
هٿ شاعر جا
مان پاڻ ئي آهيان تيرُ
۽ پاڻ ڪمان
جڙ بيٺل ڀت ۾
ڳاڙهو نشان
مون تي ئي ڪيچيل آ
هر شعر جو پڪو نشان

# SHORT POEM

The  short poem
Rushes my fingers
With a force of its own.

At such times,
Were I to grasp a tree
It would unseal
The sky’s scriptorium.

# ننڍڙو نغمو

ننڍڙو نغمو،
پاڙهي پاڙهي
لکجي ويندو آ
منهن جي هٿن مان
نرالي زور سان

جهلي سگهان ها جي مان
ڪنهن وڻ جي ٽُڙ کي
ساڳي زور سان
هوند پڙهي سگهان ها مان
لکيو آسمان جو
قَسَمر سان!

# WATER

Water loves to disappear
 Leaving no trace
 Like a night
Abandoned by stars.

Water that is clue
To life’s mystery
Translucent like dew

Is for ever fugitive
Evaporating on high
Or hiding surreptitiously
In subterranean ditches.

# پاڻي

پاڻيءَ کي آ پريت
بي نام و نشان
وهي وڃڻ سان
جئن رات وهامي
تارن جي ڪڙڻ سان

پاڻيءَ ۾ آهي لڪل
راز جيوت جو
پاڻي آهي شفافُ
گاهن تي جئن ماڪَ

پاڻي آهي ازل کان ڀڳوڙو
آسمان ڏي اُڏري ٿو
ٻاڦ جيان
يا وري سُرنگن ۾ لڪي وڃي ٿو
ڪاريهر نانگ جيان

# BEGGING BOWLS

The lovely Sumati
Spread her hair
Under Buddha’s feet
Seeking his favour.
The lord passed over them
Muttering a prayer

Instead he chose to honour
A poor man
Who came outstretching
His empty hands
Overflowing with love.

Poems too are tokens
Of our emptiness
Our begging bowls
Waiting to be filled.

# سُوالي ڪشتا

سهڻي سَماتيءَ وارَ وِڇايا
ٻُڌَ جي پيرن هيٺان
پيار گهرڻ لاءِ؛
منتر پڙهندي
وڏي هليو ويو، گوتم ٻُڌ
تِن سهڻن وارن مٿان.

هڪ ابلاشي
پنهن جا خالي هٿ وڌايا
پيار گهرڻ لاءِ
اُنهيءَ کي نوازيو، گوتم ٻڌ

گيت بہ آهن نشان
اسان جي خالي مَنَ جا
آهي اوسيئڙو
ڪڏهن پربا سوالي ڪشتا؟

# NIGHT OF GRACE

They say the dogs stop barking
On the night of grace
Yet I could hear them
All through the night

Raising hue and cry.
Water remained water
Without becoming milk
The promise notwithstanding.

The night of grace
Has come and gone
But my throat is dry
And the thirst remaining.

# ڀلاري رات

چون ٿا تہ ڀلاري رات
ڪو بہ ڪتو ناهي ڀوڪندو
پر مان تہ ٻڌندو رهيس
اونايون ڪتن جون
ساري رات

شور وغل ڪيندو رهيو
پاڻي پاڻي ئي رهيو
کير نہ بڻجي سگهيو
اُف ! ڳَيَل وعدن جو
هي ڇا حشر ٿيو!

ڀلاري رات آئي
۽ گذري وئي
منهن جي نڙي سُڪل ئي رهي
۽ اُڃ بہ ويتر وڌندي رهي

# EITIKAAF

They say the body ascends
Towards heavens
On the night of power
Instead I squat on the floor
Waiting for your descent
To our ant-hill
Here I am
Where I was
At the start
Of eitikaaf
Waiting

# اَعتڪاف

چون ٿا تہ فاني جسم
ڪري ٿو عرش جو معراج
اَعتڪاف واري رات
مان تہ ڪريان پيو انتظار
زمين تي ، تنهن جي اچڻ جو
ساري رات
ساڳي جڳهہ آهيان مان
جتي هئس
شروع ڪان
اَعتڪاف واري رات

# CHILDREN

Children everywhere are calling-
Even those gasping
Without the strength to cry
Or those gazing
Like broken reeds
Into the sky.
Children everywhere are longing
For rain clouds to gather
And fill the empty pitchers
Of their eyes.
Their little hearts and big dreams
Squashed and shattered
Children everywhere are pining
For sustenance, and thirsty
For love.

# ٻارڙا

سُڏڪا ڀريندڙ ٻارڙا
ٿا هر هنڌ سَڏِنِ
ناهي ڪا سَگهه تن ۾
ڪيئن واڪا ڪن ؟
ڇِتائي اڇرج مان
ٿا آسمان ڏي ڏسن
جئن سِتارَ جون
ٽٽل تارون هجن !
اُڃايل اکين وارا ٻارڙا
ٿا هَرَ هَرَ سڌون ڪن
ڪڏهن ٿا رحمت جا ڪَڪَر
مٿن وَسڪارو ڪَنِ
ننڍڙيون دليون ۽ خواب وڏا
ٿا سيني ۾ سانڍين
ڦِٽلَ ٽُٽل ۽ پٿڪيل
دل ۾ آس اٿن
چوطرف واجهائيندڙ ٻارڙا
ٿا هر ماڳِ سڏن
اڻ مٿ سهاري
۽ پيار جي اُڃ اٿن

# PRETENCE

I said to her
I am burning, burning
Like a forest on fire!
She replied
Who goaded you
To fall in love?
Lift me, lift me
I urged
From this hearth of flames.
Wait, she said.
First give up
The pretence of love

# بهانو

مون هن کي چيو :
” ٻران ۽ سڙان پيو
جئن ٻاهہ ساڙي ٻيلو! “
اچرج مان هن وراڻيو :
” پيار ڪر ڪنهن توکي چيو “
ور ڏئي مون اسرار ڪيو :
”ٻران ۽ سڙان ٿو
آهي پيار جو تيز ڀڙڪو
جنهن آ مون کي وڪوڙيو
هٽن سان بچائي مون کي ٻاهر ڪڍو “
ترس ٿورو هن چيو،
هي شرط آهي منهن جو
تہ سڀ کان پهرين،
ڇڏ پيار جو ڪوڙو بهانو

# ALTHOUGH

Although the finest words
Emanate
From the most suspect

Have you heard
Love songs gush
From lips of stone

Or tranquil paens
Flow from
A tyrant’s heart?

# جيتوڻيڪ

جيتوڻيڪ
بِہ چاپڙا ماڻهو
مٺڙا ٻول ٻڌائي سگهن ٿا .

چاپيار جا گيت
ڪڏهن
پٿر بہ ڳائي سگهن ٿا ؟

چا ظالم جي دل مان
ڪڏهن
آٿت بہ ملن ٿا ؟

# CHILDHOOD

Childhood is a shadow
On the move
Like a boat advancing
On the breast
Of a huge river.
Childhood knows itself
As it grows
And if we wish
To saturate our souls
With its sapience
We must become a boat
On the breast
Of a river.

# ٻالڪپڻ

ٻالڪپڻ آهي ڄڻ
هڪ پاڇو
جيڪو ترندو رهي
هڪ ٻيڙيءَ مِثل
ڪنهن مهان نديءَ جي
وچ سير ۾
ٻالڪپڻ ڪي آهي
ساري پروڙ
وڌڻ ۽ ويجهڻ جي
جي اسان چاهيون تہ
مَنُ رچايون
ٻالڪپڻ سان
ٿي ٻيڙي ترڻو پوندو
ڪنهن مهان نديءَ جي
وچ سير ۾

# MIND

The sun rises and sets
Only in the mind.
It is our minds, my dear

Which create forms
We think subsist
On their own.
In sum, all existence is mental.
Without turning sentimental
She floored subjectivism

With a simple remark:
If that be so, baba
Why don't I find
A nicer world outside
Like the one I have
Inside my mind?

# مَنَ ۾ مانڊاڻُ

توڙي هجي تخليق ۽ تصورُ
يا وري سج جو لهڻ اڀرڻ
آهي سمورو مَنَ جو مانڊاڻ

انيڪ تصور ۽ وجودَ
ٺهڻُ ۽ ڊهڻُ
۽ سدا انهن جو قائم رهڻ
آهي سمورو مَنَ جو مانڊاڻ
مطلب تہ من جي اونهاين ۾ ئي آهي چِٽيلُ
سنسار جو وايو مَنَڊلُ

بنا ڪنهن سوچ جي
هڪ ڏينهن پڇيو نياڻيءَ :
"بابا جيڪڏهن آهي
ايڏو مانڊاڻُ من اندر ،
چو نہ آهي ٻاهرين دنيا
من جي ٻهار کان بهتر ؟"

# CAN I CALL YOU MOON

Once again, I began
To woo her teasingly:
Can I call you moon?
She shot back from
Her quiver of retorts:
Little children should not be called
Moon
And why not?  I protest.
Because then, baba,
They will all want
The same moon
And never stop crying.

# توکي چنڊ چوان

هڪ ڀيري مون
چيڙائيندي پڇيومانس
چا توکي چنڊ چوان ؟
نہ ، هرگز نہ بابا
معصوم ٻارڙن کي
ڪڏهن نہ ڪوٺجي
چنڊ جي نالي سان !
چو نہ ڀلا ؟  مون احتجاج ڪيومانس
ان لاءِ تہ بابا
هر ٻار پيو گهرندو
ساڳيو چنڊ
۽ ڪين چڏيندو
اجايو ڪِروڙُ

# ROSEBUSH

(July 1999)

Lying down full length
On the floor, she hummed
A song herself-
Mama is a butterfly
Baba is a bee
And what am I?
I am a dandelion
A dandelion flower
In your song, sweetheart
You see yourself
As a dandelion
But in my eyes
As in my song
You are a rosebush.

# ٻوٽو گلاب جو

هڪ ڏهاڙي سڏو سنئون
پٽ تي ليٽي
پنهن جي ليکي ، هي سهانو نغمو
جهونگاريندي رهي :
”امان منهن جي آهي پوپٽ مثل
۽ بابا آهي ماکيءَ جي مکي مثلِ
چا چوان مان پاڙ کي
آهيان مان ڪنهن جي مثل ؟
مان آهيان پيارو پيلو گُلُ “
منهن جي نور نظر هيئن مون چيو :
تو پاڙ کي آهي پيلو گل سڏيو
پر منهن جي نظر ۾
هو بهو جئن منهن جي نظم ۾
تون آهين ٻوٽو گلاب جو !

# MAGIC

Holding up the magic-plate
She was explaining to me
The basics of magic.
Anything that is wonderful
Must have some magic
About it.
For example, if your shadow moves
While you are moving
It's ordinary.
But if you are stationary
And still your shadow moves
That is something rare
And wonderful!

# جادو

ڪڍي جادوءَ جي ٿالهي ، چيائين بابا
جادو ڇا آهي ؟
مان ٿي توهان کي ٻڌايان :
عجب جهڙي جيڪا بہ شيءِ ڏسو ٿا
لڪل آهن انهيءَ ۾ راز جادوءَ جا
انهيءَ ڳالهہ جو مثال هي آ :
پاڇو توهان جو هلي جي
اوهان جي هلڻ سان ،
ناهي ڪمال ڪوئي
اها هڪ معمولي ڳالهہ آ .
پر جي هڪ هنڌ بيٺا هجو
۽ پاڇو پنهن جو هلندي ڏسو!
اهو آهي عجيب جادو
۽ غير معمولي ڳالهہ آ !

# THE BULB

Is that bulb alive?
She querried, pointing
To the tubelight in the room.
Do you mean alive
Like you and I
Or like trees
Swaying in the breeze outside?
By alive, I mean
Does the bulb know
What it is doing
When it's shedding light?

# بَلبُ

پڇيائين هڪ ڏهاڙي اچرج مان
مون کي ٻڌايو بابا
ڇا اِهو پرندڙ بلب جِئرو آ ؟
توءِ مون وانگر جِئرو ؟
مون وَرندي کانئس پڇيو
يا ساون وڻن ٽڻن جهڙو
جن تي آهي پکين جو بسيرو؟
چيائين بابا
جيئرو هجڻ سان آهي منهن جو مطلب اهو :
”ڇا روشن بلبُ بخوبي ڄاڻي ٿو
تہ اونداهيءَ ۾ روشني پهچائڻ سان
ڪيڏو نہ عظيم ڪمُ هو ڪري ٿو؟ “

# LAUGH

Her trademark yellow clips
Have been replaced
By a duo
Of dancing pigtails.
Yesterday going out with friends
She paused full length
In front of a wall-mirror
Swinging her pigtails around
She exclaimed:
Look,
How pretty I am!
Then instantly
She broke into
A huge and hearty laughter.
Narcissus should have heard
And heeded
That soul-redeeming
Laugh.

# ٽهڪ

سندس وارن جي خاص نشاني
هئا بڪل پيلي رنگ جا
پر هاڻي سندس وارَ سجيل آهن
ٻن ننڍڙين ڳُتڙين سان
ڪالهه ڪيائين ساهڙين سان
سير ڪرڻ لاءِ خوب تياري
ءِ گهوري ڏٺائين آئيني ۾
پنهن جي هاٺي ساري
لوڏيندي ڳتڙيون ٻئي ناز منجهان
چيائين بابا :
ڪيڏي نہ لڳان ٿي سندر مان !
تنهن مهل ڏنائين از خود ٽهڪَ وڏا
گل جي مکڙي ٻڌي ها جيڪسِ
روح رچائيندڙ ٽهڪَ سندس !

# CHOIR

(09.10.1999)

Hush, baba, she whispered
I need silence
At this hour
I’m waiting
For birds to begin
Their morning choir.

# ٻوليون

هڪ ڏهاڙي صبح سويري
سر ٻاٽي سان چيائين ڏيري ڏيري :
چپ ڪريو بابا
ماٺ ٿي مون کي هن مهل کپي
گهڙيون هي آهن سُهاني صبح جون
آهن شروع ٿيڻ واريون
مٺيون ٻوليون
سُندر ۽ سهڻن پکين جون

# SELF - ASSURANCE

(29.06.2001)

Returning from school
Her first words were –
Today I got
A half-moon and a star.
From whom, sweetheart?
From God, she replied.
And what about the moon’s
Other half – where did that go?
Behind the clouds – where else
Do moons go?  She remained
A picture of self-assurance.

# پاڻ کي آٿتُ

اسڪول مان موٽندي
اُمالڪ چيائين بابا
اڄ مون آهي ماڻيو
اَڌ چنڊ ۽ هڪ ستارو
ڪنهن وٽان منهن جي مِٺي ؟
خدا وٽان ، هن وراڻيو
چنڊ جو باقي اڌ ڪاڏي ويو؟
مون پڇيو
”باقي اڌ جهڙ ۾ لڪي ويو
چنڊ ٻيو ڪاڏي ويندو ؟“
پاڻ کي آٿت ڏيندي
هن وراڻيو.

# SUNDAY

Seizing her chance
She wrested the ball-point
From my fingers
And put it out of reach.
Darling, why did you punish
That innocent pen?
Because you don’t stop scribbling
With it.
Well, I was writing a poem
For you.
You mustn’t baba
Sunday is for rest.

# آچرُ

موقعو ۽ مَهَل ڏسندي
کسيائين قلم
منهن جي هٿن مان
۽ رکيائين ڏور مون کان
مون چيو
منهن جي نهتي نياڻي
ڏني تو آهي سزا ڇو
بي گناهہ قلم کي؟
چاڪاڻ تہ بابا
لکڻ کان انهيءَ سان
اوهان بس نہ ڪيو ٿا
مون چيو
ڏيرج ۽ پيار سان
لکان پيو هڪ گيت مان
تولاءِ انهي قلم سان
چيائين ” نہ بابا
ناهي ان جو ضرور اهڙو
آرام لاءِ آ ڏينهن آچر جو“

# OPEN THE DOOR

Baba, why must you
Bolt the bathroom door
And hide inside
For changing clothes
Like a thief.

Why can’t you change
Like me openly,
Up-front.

Please open the door
At once!

# در کوليو

بابا ڪريو ٿا بند
در غسل خاني جو
ڪپڙا مٽائڻ لاءِ
لڪي لڪي چورن وانگر ڇو؟

منهن جي سامهون
مون وانگر
پڌري پٽ توهان
ڪپڙا مٽايو نہ ٿا ڇو؟

در کوليو
جلدي ڪريو
اندران در
بند ڪريو ٿا ڇو؟

# PRAYER

He’s still at prayer
I reiterate
Every time we pass
Buddha by banister.
Then one day she expressed
Herself frankly:
I don’t think he prays
Because his lips don’t move
Like this – mimicking
The motion
Of murmuring lips.
Clearly for her
Silence howsoever deep
Is anything but prayer.

# مونُ ورد

هر دفعي لنگھندي
چڙھائي تان
مون چيو :
گوتم ٻڌ ماٺ ۾
جئن نظر اچي ٿو
عبادت ئي ڪندو رهي ٿو.
هڪ ڏهاڙي
دل کولي چيائين :
نہ بابا
نہ آهي عبادت اِها
چو تہ سندس چَپَ،
هيئن (چپ چوريندي)
چُرَنِ ئي نہ ٿا !
سچ تہ سوچ ۾ پار جي
ماٺ ڪيڏي بہ اونهي هجي
مونُ ورد ٿي نہ ٿي سگھي.